شاھ جو عشق

۽

مختصر ٻول

*

ايم-اي- عالماڻي

ايم - اي - فلسفه

شاھ جو عشق

۽

مختصر بول

ليکڪ:- ايم-اي عالماڻي

ايم - اي - فلسفه

زيب ادبي مرڪز حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصنف جا حق ۽ واسطا قائم

قيمت ١٢-٠٠

- ڪاپيون ٥٠٠
- آڪٽوبر ١٩٨٠ع
- ڇپائيندڙ: زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد
- پريس : سنڌ پرنٽنگ پريس

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختصر ٻول

او ساٿي!

١ــ هڪ پاسي

اڻ ڄاڻائي ۾
عام ماڻهن جي
ٻوراڻي واري
عقيدت ــ خوش فهمي
شاهه سائين جي
حياتي کي
سوانح عمري کي
هڪ ڏند ڪٿا
هڪ افسانو
آهي بڻايو ــ !
ته ٻي پاسي
سنڌس شاعري کي
ايترو ته وڏائي چڙهائي
گهڙي جوڙي
آهي منجهايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو عام ماڻهون جي
سمجهہ کان ـ ڪم ڪانہ
جيئن پوءِ تيئن
ٻاهر ٿيندي وڃي
مذهب جي طرح ـ !

۲ـ حالانڪ ـ جيتوڻيڪ
شاهہ جي شاعري جي
وڏي ۾ وڏي خوبي
وڏي ۾ وڏي خاصيت
هي آهي تہ اها
دنيا جو وڏي ۾ وڏو
لوڪ ادب آهي
جيئن اسلام
وڏي ۾ وڏو لوڪ مذهب ـ !!

۳ـ البت
شاهہ جو عشق
جيڪو سندس
شاعري ۽ شادي جو
ڪارڻ بڻيو ـ سبب بڻيو
تنهن کي جي
ڊرامائي شڪل ڏجي
ناٽڪ ڪري لکجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ نيليوين جي
ناٽڪ سڀا
پروگرام لاءِ
علي بابا جو ڊرامو تي ڀوي ـ!

٤ـ ان افساني جو پلاٽ
ڪجھہ هن ريت آهي
هڪ وڏي ماڻھون
مرزا مغل بيگ جي
وڏي ڌيءَ
سيده بيگم
جوان جماڻ نياڻي
بيمار پئي آهي
ڀڙدو ايڏو آهي
جو نر پڪيءَ بہ
ڀَر نہ ٿو هڻي سگھي ـ !
پر
مرشد سائين جي
دعا ۽ ڦوڪ ڪان سوا
دارون دوا ڇا ڪري؟

٥ـ سو سائين ڪي چوان
اتفاق چئو يا ايڪسيڊنٽ
سائين حبيب شاھہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو مرشد
وڏو پير
پڻ بيمار آهي — !

٦— سو لاچار
پنهنجي نيڪ پٽ
ننڍي مرشد
يعني لطيف سائين کي
مُريد جي سڏ تي
ساڻ موڪلي ٿو ڏي — !

٧— بس سائين جو پهچڻ
۽ عشق جي ديوتا جو تير هڻڻ
تير ڪائي ترُ پڻ
۽ بي اختيار ٿي
هي بيت چوڻ
جنهن جي آگر، سيد هٿ ۾،
تنهنکي نہ لهر، نہ لوڏو —

٨— پوءِ تہ بس
درياهہ جو بند ڀڄي پيو
عشق ۽ شاعري شروع ٿي وئي —!
ماڻهن ۾ ڇنو ڀول ٿيو!
مرزا بيگ تپي باهہ ٿي ويو،

سو مرشد لطيف
جهنگ منهن ڏئي وٺي ڀڳو
اڄ هتي - سڀاڻي هتي
پورا ٽي سال سفر ۾ رهيو -!
موٽيو تڏهن
جڏهن هي ڪن پوس
ته پوڙهي
ڀرسن پيءُ
سندس جدائي ۾
روئي روئي حال وڃايو آهي!

٩- ان ڪان پوءِ جلد ئي
مرزا مغل بيگ جي حويلي کي
ڌاڙو لڳو
جنهن ۾ مغل بيگ
۽ ڀا سڀ گهر جا ڀاتي مارجي ويا
پر سعيده بيگم
جنهن جي ڇوڇ
مرشد سڳوري هٿ ۾ جهلي
دعا ڪئي هئي -
سا بچي وئي - !

١٠- پوءِ ته
باقي مرزائن کي

پڪ تي ـ خاطري تي
تہ هي سڄي مصيبت
مرشد جي بد دعا
پاراتي ۽ پٽ ڪري آئي
سو زالين مڙسين
مرشد جي پيرن تي ڪري پيا
۽ پنهنجا ڏوهہ گناهہ بخشائي
سيده بيگم جو سڱ
سائين ننڍي ـ مرشد ننڍي
کي ڏيئي ـ شادي ڪراءِ
سڪ جو ساهہ کنيائون ـ !

١١ـ سو سائين کي چوان
اهڙي ريت
لطيف سائين
ڪڏو مٿريچ ڪٿي
عشق جي شادي ڪئي
سو پنهنجي ڪلام ۾ بہ
بنيادي طرح
اهوئي پيغام ڏنو اٿس ـ !
سندس رسالي جو
سبجيڪٽ مئٽر جي لحاظ کان
موضوع جي لحاظ کان
اهم مضمون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضروري بحث ۽ تڪرار
پڻ اهوئي آهي
باقي سڀ افسانا
لوڪ داستانا - !

١٢- مٿيون ڳالهيون ويچاري
ڏيان ۾ ڌري
سوچيم تہ
شاهہ جي حياتي
توڙي شاعري تي
جو هي مونجهاري جا
گرد ۽ غبار جا
تهن مٿي تهہ چڙهندا وڃن
تن کي صاف ڪرڻ جو
سهڻو - سمجهہ پريو
منطقي طريقو
هي آهي تہ
سندس سڄي ڪلام کي
’سبجيڪٽ وائيز‘
موضوع ۽ مضمون جي لحاظ کان
ترتيب ڏني وڃي
تہ هر هڪ مضمون
الڳ الڳ - جدا جدا
صاف ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌون سانو
سڀ جي سامهون اچي وڃي - !

١٣- هن ڏس ۾
هن سلسلي ۾
هي پهرين ڪوشش آهي
سبجيڪٽ - موضوع - مضمون
عشق آهي
جو دنيا جي سڄي شاعري ۾
سڀني شاعرن جو
بنيادي ۽ هڪ اهم
موضوع پئي رهيو آهي
خاص ڪري
ڪلاسيڪي شاعري جي
رومانوي دور جو
جنهن دور ۾
اسان جو شاهه به اچي ٿو -

١٤- شاهه جي ڪلام ۾
توڙي عام جي ٻولي ۾
عشق لاءِ
عشق جي معنيٰ ۾
پيا به لفظ ڪم اچن ٿا
پر لغت جي لحاظ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادب جي لحاظ کان
ڪجهہ فرق تہ ضرور هوندو
نہ تہ هڪ ئي شئي لاءِ
جدا جدا لفظ ڇو ؟

١٥- تہ عشق جي مضمون تي
شاهہ جي رسالي مان
في الحال فقط
اهي بيت چونڊي
جن ۾ لفظ عشق آيل آهي
معنيٰ ۽ مطلب ڏيئي
سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيل آهي
معنيٰ ۽ مطلب ۾
اختلاف ٿي سگهي ٿو
ڇو تہ
هر هڪ جي سمجهہ
پنهنجي پنهنجي ڄاڻ
پنهنجي پنهنجي تجربي
پنهنجي پنهنجي علم
موافق ۽ موجب ٿيندي !

١٦- عجب لڳم - حيرت ٿيم
تہ رسالي جي
اڌ سُرن کان وڌيڪ ۾

شاهہ سائين
عشق جو لفظ استعمال نہ ڪيو
ڇو؟
مثلن سُر مارئي ۾!
انهي جو سبب
منهنجي سمجهہ ۾ – خيال ۾
اهو آيو نہ
سُر مارئي جو بنيادي مضمون
عشق نہ آهي
پر وطن جي حب
قوم پرستي
۽
پنهنجي ڪلچر سان لڳاءُ !!

١٧ – هاڻ- پڇاڙي، موڪلائي
باقي هڪ وضاحت
هن ڪم ۾
مون فقط
علامہ- آءِ - آءِ قاضي وارو
مرتب ڪيل رسالو
مستند نسخو
سامهون رکيو – !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٨ـ فقط اوهانجو-
ايم - اي عالماڻي
سوال جواب
ايڊريس - پتو
٩٧ - اي - يونٽ ٢
لطيف آباد حيدرآباد سنڌ.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١)

مَنڌ پيئندي مون – ساڄن سهي سڃاتو
پي پيالو عشق جو سڀڪي سمجهو سون
ساڄن سهي سڃاتو
(وائي)

○

سولن لفظن ۾

مون شراب پيئندي
سڄڻ کي سهي سڃاتو
عشق جو پيالو پي
سڀ ڪجهه سمجهو سون
سڄڻ کي سهي سڃاتو سون

○

سولي سنڌي ۾

او اديون!
جي سڄڻ کي
سڃاڻو آهي – سمجهڻو آهي
يار کي پرکڻو آهي
ته شراب پي
مدهوش ٿي - مست ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’چڱ چاڻ وڃاءِ‘
عشق ۽ عقل ڇا لڳي؟

○

(٢)

ٻڌ ۾ ٻڌايون، عشق جي اسباب ڪي
دارون هِن درد جو، ڏاڍو ڏسيائون
آخر وَالعَصر جو، اِنهين آتائون
تهان پوءِ آئون، سڪان تي سلام ڪي

○

سولن لفظن ۾

ليڪ ۾، راز داري سان
عشق جا سبب ٻڌايون
عشق جي پيڙا جو گهڻوئي علاج ٻڌايائون
پڇاڙي ۾ اهو به ٻڌايائون ته
زمانو شاهد آهي
انهي ڪانپوءِ آءٌ، يار جي سلام لاءِ
پيئي سڪان — انتظار ڪريان

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سولي سنڌي ۾

او - اديون !
اڄ امڙ
لڪ چپ ۾
وڏي راز داري سان
منهنجي عشق جا
سبب پڇيا
منهنجي اندر جا
حال معلوم ڪيا
ڏاڍو سمجهايائون
اندر جي پيڙا جون
سٽيون ڦڪيون ڏسيائون
دوا دارون پڙايائون
شراب جو ڏس ڏنائون
۽ آخر ۾ چيائون نه
يار سان ملڻ ڇڏي ڏيان
نه ته زمانو ڇا چوندو ؟
سو هاڻ آءٌ
يار جي سلامن کي به
سڪي رهي آهيان - !

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳)

ڏوڏا تون نه ڏنئون ـ آڳ اوڏو نه وڃين
آلا جي عشق جا ـ سي تان نه سهين
آيو اِيءُ چئين ـ ته آءٌ آڳ ڙيو آهيان.

○

سولن لفظن ۾

ڏمرَ وارا تون ڏنئين نٿو
باهه جي ويجهو نٿو وڃين
عشق جي باهه جا آلا ـ چيون ـ تاءُ
تون نٿو سهين
پوءِ به
بيٺو ايئين چوين ته
آءٌ لوهار آهيان ـ!

○

سولي سنڌي ۾

او عشق وارا
عاشق چوائڻ وارا
عشق آگ آهي
عشق باهه آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي عشق اٽڪي
ته ان ٻاهه ۾
گهڙي پئو
پر تون ته
آن ٻاهه کي
اوڏو نٿو ٿين
پري پيو پڇين
پوءِ به
چوين ٿو ته
عاشق آهيان !

○

(٤)

ايڪ پيالو، ٻه چٺا ـ عشق نه ڪري ايئن
ليکيا جي لکڻ ۾ ـ سي قُرب رسندا ڪيئن؟
هُنن ڪيا هيئن ـ وانيجڻا پَس ڪان

○

سولن لفظن ۾

هڪ پيالو ـ ٻه چٺا
عشق ايئين نه ڪري
جي ليکا لکندا

حساب ڪتاب ڪندا
اهي محبوب تائين ڪيئن پهچندا
همت - وڏائي - تڪبر - خودي
جن ڪي آهي ، سي
يار جي وصال کان
محبوب جي ميلاپ کان
محروم رهيا — پري رهيا

○

سولي سنڌي ۾

او - اديون
لکيئي جي ليک ۾
جي قائيون
ليکئي جي ليک تي
جي راضي رهيون
سي پيار جي منزل کان
پري رهيون
عشق اهڙي
لکيئي جي ليک مان
نه ڇڏائي
اهڙي پيائي
اهڙي همت وڏائي
اهڙي خودي مان

نہ ڇاڻي
پرت جو پيالو
پريم جو جام
جي هڪ آهي تہ ڇا ٿيو ؟
عشق جي آڏو
انهي حقيقت جي
انهي قدر جي
ڪا وقعت ڪانهي
ڪا معني ڪانهي

○

(۵)

ايڪ پيالو ، ٻہ ڇٽا ـ عشق نہ اِئين ڪري
آئي سي ايڪ ٿيا ـ جي گتا نينھن ڳري
ڊڄي ڏار ڏاري ـ خلت خنجر آئيو .

○

سولن لفظن ۾

ٻہ ڇٽا ، هڪ پيالو
ايئين نہ ڪري عشق
ملي سي هڪ ٿيا
جي عشق ۾ اڙيا ، ڦاٿا
تن پياڻي کي جدا رکيو ـ ڪيو
محبت جي خنجر سان

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سولي سنڌي ۾

او ـ اديون !
علامتون ۽ اشارا
ڇو نٿيون سمجهو
علامتون ۽ اشارا
هڪ پيالو ، ٻه چپ
هڪ ساقي ، ٻه مئيخار
بس
ٻنهي ۽ پيارو
پريت پرت جا پيالا
عشق محبت
سڀ ميلاپ ۾ آهي
ٻيائي ۾ عشق
جدائي ۾ عشق
ڪوڙوڻي نٿو لڳي
خنجر ٻه هڪ علامت
هڪ اشارو
نئون نيارو نيارو
هڪ ماهر نفسيات جو ـ !

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦)

ايڪ پيالو ، ٻہ چٺا ـ عشق نہ ڪري اڏ
اِيءَ جا شاعِر سڌ ـ ڪيئي جا قوال سين

○

سولن لفظن ۾

ٻہ چٺا ، هڪ پيالو
عشق نہ ڪري اڏ
اها شاعر جي خواهش
جيڪا
ڳائڻ واري
قوالي جي روپ ۾
ڳائي ٻڌائي

○

سولي سنڌي ۾

او اديون
پرت جو پيالو
پرت جو جام
برابر هڪ آهي
اهو اڏو اڏ

ڏي نٿو سگهي
هڪ پيالي مان
هڪ وقت ۾
هڪ ڄڻو پي سگهندو
پر
اهو غلط آهي
فقط شاعراڻو خيال آهي
قوالي جي قوال جهڙو آهي
ته پيار
ونڊي نٿو سگهجي
ويراهي نٿو سگهجي — !

○

(٧)

محبت جي ميدان ۾ — ڪو ٻڙاڏو ٻَٽ
سر سوريءَ ، ڏڙ ڪنگرين ـ متان ڪڇئين ڪٽ
عشق نانگ نيٽ — خبر ڪاڏن ڪي پوي

○

سولن لفظن ۾

محبت جي ميدان ۾
محبت جي رڻ پٽ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو پڙاڏو ـ ڪو آواز پيو اچي
سر قاسمي تي لٽڪيل
ٽڙ ڪوٽ ـ ماڙي جي ڪنگرين تي ڪٽيل
متان ڪجهه زبان تي آڏين
عشق نانگ آهي
عشق اگهاڙو آهي
عشق بي شرم آهي
اها ڇاڻ
انهن کي آهي
جن کي
عشق جي نانگ ڏنگيو
جن عشق ڪيو

○

سولي سنڌي ۾

او ـ اديون
عشق اها ڪري
جا پهرئين ته
حياتي تان هٿ کڻي
سر جو ـ ساهه جو
سانگو لاهي
سنگسار ٿيڻ لاءِ تيار ٿئي
بي شرم ٿئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيا ڇڏي
اگھاڙي ٿي نڪري
ڇو ته
عشق اگھاڙو آهي
اها ڄاڻ
اها خبر
اذهن کي آهي
جن عشق ڪيو
يار سان وصال ڪيو
نانگ علامت آهي
قاصي اشارو آهي
نشاني آهي
آيت آهي – !

○

(٨)

محبت جي ميدان ۾ سير جو سانگ ڪم ڪر
لاهي سير لطيف ڇڏي ، دوستن اڳيان ڏر
عشق نانگ آپر – خبر ڪاڏن کي پوي

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوان لفظن ۾

محبت جي ميدان ۾
محبت جي پڙ ۾
سِرَ جو سانگو نه ڪر
عاشق لطيف چوي
سر لاهي
محبوب جي پيرن ۾ رک،
عشق وڏو نانگ
اها خبر
جن کي ڏنگي
تن کي پوي

○

سولي سنڌي ۾

او ـ اديون
عشق جي پِڙ ۾ پير پايو
عشق ڪريو
ته پوءِ
حياتي تان هٿ کڻو
سنگسار ٿيڻ کان نه ڊڄو
عاشق عبداللطيف جو چيو مڃو
يار جي اڳيان وڃڻ جي واٽ ٿئي ـ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق جي وڏي علامت
نانگ آهي
جيئن نانگ جي ڏنگ ۾
گهر ٿئي ٿو
خمار ٿئي ٿو
نشو ٿئي ٿو
تيئن عشق ۾
پيار ۽ پريت ۾ به
هڪ قسم جو
گهر ٿئي ٿو
خمار ٿئي ٿو
نشو ٿئي ٿو
شراب ٿئي ٿو
عشق ڪرڻ وارن کي
اها خبر آهي
اها ڄاڻ آهي
اهو علم آهي - !

○

(٩)

محبت جي ميدان ۾ - سِر جو ڪرم سانگ
سوريءَ سڀرين جي - چڙهي، تہ ٿئين ڇانگ
عشق آهي نانگ - خبر ڏاڍن کي هوي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سولن لفظن ۾

محبت جي ميدان ۾
سر جو سانگو نہ ڪر
پرين جي قاسيءَ تي چڙهہ
تہ تندرست ٿئين
عشق نانگ آهي
جن کي کاء
تن کي خبر پوي

○

سولي سنڌي ۾

او ساٿي !
سنڌو جا ميدان
محبت جا ميدان
عشق جا داستان
جيئن سنڌو ندي
نانگ جيئن
ور وڪڙ کائيندي
سِور سهندي
پيار جا گيت ڳائيندي
ميدان آباد ڪندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر سبز ڪندي
ڀرپور پيار ڪندي
آخر ۾ وڃو
سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري
تيئن عاشق کي به گهرجي
ته سر جو سانگو لاهي
بي ڊپو ٿي
عشق جي ميدان ۾
ڀرپور ولولي ۽ جذبي سان
لهي پوي – گهڙي پوي
ڀرپور پيار ڪري
سونهن جي ميدان کي
آباد ڪري
سائو ڪري
شاداب ڪري – !

○

(١٠)

محبت جي ميدان ۾ – ڪڏهن پٺو ڪاهي
چنڊ آسانڪا آرواح جا – لاهوتي لاهي
عشق نانگ آهي – خبر ڪاڏن کي پوي ٥

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سولن لفظن ۾

محبت جي ميدان ۾
خوشيءَ مان ڪاهي پئو
روحن جا - روح جا
آسرا ۽ اميدون ڇڏ
جيئن لاهوتي فقيرن
لاهي ڇڏيا
عشق نانگ مثل آهي
جن کي کاءِ
تن کي خبر پوي - !
ٻين کي ڪهڙي خبر -!

○

سولي سنڌي ۾

او - اديون !
جي سچ پڇ
ڪنهن کي عشق آهي
ڪنهن سان محبت آهي
سڀ لڳاپا لاهي
لاهوتي فقيرن وانگر
لا مڪان تي
گهر ٻار ڇڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يار جي ڪَڍ لڳي
روح - ارواح جا
سڀ آسانگا
سڀ آسرا
اجايون اميدون
آجا يا وهم ۽ گمان !
اصل مقصد
اصل مطلب
يار جو وصال
يار جو ميلاپ
جنهن جي علامت
آهي نانگ جهڙو ڏنگ -

○

(١١)

عشق نہ آهي راند - جيئن ڪيڏن ڳڀرو
جيءُ جُسي ۽ جان جي - ڀَڃي جو هيڪاند
سِسي نيزي پاند - آڇل تہ پہ اڌ ٿئي.

سولن لفظن ۾

عشق راند نہ آهي
جيئن ڳڀرو جوان ٿا کيڏن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي
جيءَ جسي ۽ جان جي
هيڪڙائي کي
ڀڃيو – ٽڪر ٽڪر ٿيو پون
سر نيزي جي نوڪ تي اڇل
نه ٻه اڌ ٿئي.

○

سولي سنڌي ۾

او – سائين !
عشق اها راند نه آهي
اهو تماشو نه آهي
جيڪي
نئون جوان
سهڻا – سهڻا
ڳڀرو ڇوڪرا
پاڻ ۾ ڏا ڪن
پنهنجي جسم جي
هڪ جهڙائي کي ٽٽا ڏسن
ٽٽا سمجهن
اهڙي ريت
پنهنجي جسم کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ذهن کي
جو کو ٿا رسائين
سچو عشق
سچي محبت
پيدائي ۾ آهي
پر الڳ الڳ
قسم جي جسم
۽ جيءَ ڪري آهي
باقي نيزو علامت آهي
اِشارو آهي
نشاني آهي
نڌهن تہ
شاهہ جي شاعري کي
آيتون ڪري ليکيو وڃي ٿو
ڇيو وڃي ٿو — !

○

رام ڪلي

(۱۲)

نسوروئي نينهن جو - دل ۾ دونهون پاهہ
آئي عشق جي - پاري جان جلاهہ
جندان تون جاڳاهہ - جنهن سين آتش آب ٿئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوان لفظن ۾

نج نينهن جو دونهون دل ۾ دکاءِ
عشق جي باهه ٻاري جان جلاءِ
جند جان مان اها ٿمي آثار
جنءَ ن سان باهه ٻاٽي ٿئي

○

سولي سنڌي ۾

او اديون
تن من سان
دل جان سان
نج نينهن ڪريو
ڀر پور ڀهار ڪريو
ٻره جي باهه ٻاريو
۽ پوءِ
باهه کي باهه سان
ٻن باهين جي ميل سان
ٻاٽي ٻاٽي ڪريو
ٿڌو ڪريو
ٺري ڀمو خوش ٿيو
ڇو ته

برھ جي باھ
پاڻي جي صورت ۾
آب حيات ٿيو پوي ا

○

(١٣)

ڀوري پئي رهه – اُپٽي اُجهه مَ ڪاپڙي
اُلا جي عشق جا – سي تون سَهي سگه
پيچ پاڻ کي پنڌ – هنگلاج هَلڻ جو

○

سولن لفظن ۾

بند ڪري پئي هج
ڪپڙن واري
ڪولي اُجهامي نه وڃج
برھ جي باھ جا اُلا سهيو پئي سهج
پاڻ کان ئي پڇ – سوال ڪر
ته هنگلاج ڏي – زيارت ڪرڻ
ڇو پئي وڃين – ؟

○

سولي سنڌي ۾

او — اڏيون !
جي يار گهر اچي
دل جو دلبر ملي
ته اکيون ٻوري
سمهي پئجي
ڪپڙا لاهي جهٽ پٽ ۾
اُجهامي نه وڃجي
بره جي باهه جي گرمائش سهجي
۽ پاڻ کان
دل من کان پڇجي
ته زيارت ڪرڻ جو
ويچار ڇو ؟
ڇا اولاد لاءِ — !

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٤)

ڪو جـو ڪامڻ مـيءَ - آهـي اڪـڙيـن ۾
ڌـن ڌماچـيءَ چام جـو - ڌـايُون پايـو نـي
عشق ايئن ڪري - جئن چارو چام ڪلهي ڪيو

○

سولن لفظن ۾

ٻره واري جي اکين ۾
ڪو شراب آهي
جو چام ڌماچيءَ
جي تن من کي
پيو رانيو تن سان روڙي
ايئن عشق ڪري
جيئن چام حاڪم
مڇي مارڻ جو
چارو ڪلهي تي کنيو هلي

○

سولي سنڌي ۾

او - اديون !
نوري حسين آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوان آهي - ڪامڻ آهي
سو سنڌس اکين ۾
جادو آهي
شراب آهي
مستي آهي
جنهن ڄام کي
حاڪم کي
مست ڪيو آهي
ماري رکيو آهي
تڏهن ته ويچارو
جيئن پنهون ڄام
سستي لاءِ
ڏو ہي ٻٽيو هو
تيئن تماچيءَ ڄام
مهاڻو ٻٽيو آهي - !

○

(١٥)

ڄارو ڄام ڪُلهي ڪيو - عشق اِئن ڪري.

سولن لفظن ۾ — وائي

ڄام تماچي ڪلهي تي ڄار کڻيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق ايئين ٿو ڪراءِ

○

سولي سنڌي ۾

او ــ اديون !
عجب ڇو ٿيون ڪائو
حيرت ۾ ڇو ٿيون پئو
اهي ڪم مڙيئي
عشق جا
جنهن حاڪم کي چار ڪٽايو
ڪاٺ ڪٽايو
مهاڙي سان ڪم ڪرايو !

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٦)

عمر سپ عشق سين - پُنهُون جي پُڇُن
ريس ريزاليون تين سين - ڪُجاڙي ڪي ڪن
مارگ جي مَرن - وڏا طالع تن جا

○

سولن لفظن ۾

جي پنهون جو ٿيون پڇن
تن سيني سچي چمار
عشق ۾ گذاري آهي
تن سان ڪميڻيون
ڇا لاءِ حسد ٿيون ڪن ؟
انهن جا وڏا ڀاڳ
جي عشق جي راهه ۾ مرن

سولي سنڌي ۾

او - اديون
جي مون ڪان
منهنجي پنهل جو ٿيون پڇن
تن مڙني کي
خبر آهي - ڄاڻ آهي
ته پيار ڇا آهي

عشق چا آهي
جو انهن سيني
سچي عمر ـ سچي چمار
پيار ڪيو آهي
عشق ڪيو آهي
عشق وارن سان
پيار وارن سان
جي حسد ٿيون ڪن
سي ڪميڻون آهن
رزيل آهن
عشق ۽
پيار ڪندي
جي مرن
تن جا وڏا نصيب
تن جا وڏا ڀاڳ

○

(١٧)

چاڏي سئيائي ـ وهان ڪيئن مات ڪري؟
اندر آڳ عشق جي ـ آبر آڏائي
”العشق نارُ اللّٰه المُوقَدةِ“ ڪوري جئن ڪاڻي
آهي آرياڻي ـ ٻيو سرتيون سڀجي ڪهن ڪي.

سولن لفظن ۾

چاڻي سجاڻي - سمجهي سڻي
مان ڪري ڪيئن وٺي رهان ؟
اندر ۾ عشق جي باھ
ڀڙڪا ڪائي آئي آهي
”عشق الله جي ٻاريل باھ آهي“
جيڪا ڪوري وانگر پئي سڙي
او - سرتيون
آءٌ آرياڻي
آري ڄام جي
ٻي مونکي ڪا خبر ڪانهي .

سولي سنڌي ۾

او - سرتيون !
اندر من ۾
تن ۾
ٻر ه جي ٻاھ ٻري
اندر پيو سڙي
آءٌ ٻي وس
”عشق الله جي،
ٻاريل باھ آهي“
آءٌ پنهل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آري ڄام جي
آرياڻي
آر ڪرڻ واري
پيار ڪرڻ واري
سو مات ڪري ڪيئن وهان ؟

○

(١٨)

ڪَڏِ پنهون ڏي ڪاهي ـ ڇاڻيءَ روح ڇريو ڪيو
اُٺـي ويـنـي اوڏهـين، سـتـي پنهن ساهـي
”العشق حِجَابٌ بَيْنَ العشاقِ وَالْمعشوق“
لاشڪ تيءَ لاهي ـ
آرياڻي آهي ـ ٻيو سرتيون سڄي ڪيئن ڪيي

○

سولن لفظن ۾

سک پنهون ڏي ڇڪي
لذت دل ڇري ڪئي
اٿندي وهندي اوڏانهن تاڻي
ننڊ ۾ به خواب ٻئجو اڇي
”عشق، عاشق ۽ معشوق جي
وچ ۾ هڪ پڙدو آهي“

اهو شڪ گمان لاهي ڇڏ
آريائي، آري ڄام جي آهي
تنهنکي سرتيون
ڀوڪي ڪين تو سمجهه ۾ اچي

○

سولي سنڌي ۾

او — جهڏيون !
پنهل جو پيار وٺي
لذت چکي
ڇري ٿي آهيان
تڏهن
پنهل جي ڪڍ لڳي آهيان
اٿندي وهندي
پنهل جو خيال ستاء
ننڊ ۾ ٻه
پنهل کي پئي ڳوليان
پنهل ڏي پئي وڃان
عربي ۾ چوٽي آهي
”عشق، عاشق ۽ معشوق جي
وچم ، هڪ پڙدو آهي“
جنهن کي لاهڻ گهرجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿوڙڻ گهرجي
آءُ آريائي آهيان
آري ڄام جي آهيان
او – اديون
پنهل جهڙو مونکي
ٻيو ڪو نہ سجهي – !

○

(١٩)

هٿين پيرين، مُونڊڙين ـ هلج سان هينئين
عشق آري ڄام جو ـ نباهي نئين
جان جان ٿي جيئن ـ تان پاڙج ڪوم پنهون سين

○

سولن لفظن ۾

هٿن پيرن، ڳوڏن پر رڙهج
دل من تن سان هلج
آري ڄام جي عشق سان
توڙ نڀائج
جيستائين جيئري آهين
تيستائين
ٻئي ڪنهن کي بہ
پنهون جي برابر نہ ڀانئج

○

سولي سنڌي ۾

او ـ سسئي !
هاڻ جيستائين جيئري آهين
سرير ۾ ساهہ اٿئي

ڏيستائين
ڪيچ مڪران ڏي
پنهل پنيان پٺي وڃيڄ
جي پير ڦٽجي پون
ته هٿن ۽ گوڏن ڀر رڙهج
چام پنهل جي
عشق ڪي
پيار ڪي
توڙ تائين نڀائج
بي وفائي نه ڪج
بي ڪنهن ڪي
پنهل جي برابر نه ڀانئج ـ !

○

(۲۰)

رڃن ۾ رڙ ٿي ـ ڪَتر ڪرولَ جي ڪُوڪ
ولولو ۽ ووڪ ـ اِيءَ تان آه عشق جي

○

سوان لفظن ۾

رڻ پٽ ۾ رڙ ٿي
جڻ ڪونل جي ڪُوڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو جذ بو ۽ دانهن
آهي آه عشق جي

○

سولي سنڌي ۾

او — اديون !
رڃ ۾
سڃ ۾
سسئي پڪاري
دانهون ڪري
آهون ڪري
ويچاري عشق جي ماري
بره جي ساڙي
پيار جي بکايل
جهڙي ڪوئل
پيار لاءِ ماندي
پنهل پنهل پئي ڪري — !

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۱)

رڃن ۾ رڙ ٿي - ڪر ڇتونءَ جي ڇانگار
اِيءَ عشق جي اُپڪار - نعرو آهي نينهن جو

○

سولن لفظن ۾

بر پٽن ۾ رڙ ٿي دانهن ٿي
ڇڻ طوطي جو آواز
اها عشق جي پڪار
جا نعرو آهي - نينهن جو

○

سولي سنڌي ۾

او - اديون !
ڇتونئڙو ڇو ٿو ٻولي ؟
پکيءَ ڇو ٿا لات لنون ؟
جهنگ جبلن ۾
رڻ پٽن ۾
دانهون ڇو ٿيون ٿين ؟
اهي سڀ نعرا آهن
سڌ آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق جا
نيڻن جا
پيار جا
پرين کي ماڻ لاءِ — !

○

(۲۲)

رڃ ۾ رڙ ڏئي — جهيڙي ڪري جوءِ
اِيءَ نه عورت هوءِ — ايءَ تان آهه عشق جي

○

سولن لفظن ۾

ٻر پٽن ۾ دانهن ٿي
جهڙي ڪنهنجي زال جي
اها مٿان ڪا عورت هجي
جو اها درد ڀري دانهن
عشق جي آهي

○

سولي سنڌي ۾

او — اديون !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌو نٿيون
سُڻو نٿيون
ٻري ڪان
ڪنهن پرڏيل زال
جي آهن ۽ دانهن جو آواز ٻُڌو اچي
متان ڪا عورت
مڙس ڪان وڇڙي وئي هجي
ھي آهون ۽ دانهون تہ
عشق جون آهن
عشق جي درد جون آهن ـ !

○

(٢٣)

رڃين ۾ رڙ ٿي ـ ڪَرڪَرڪي ڪُونج
نعرو مَنجهيءَ ليڪونج ـ ايءَ تان آه عشق جي

○

سولن لفظن ۾

بر پٽ جبلن ۾ دانهن ٿي
ڄڻ ڪُونج رڙي
ڄڻ درياهہ جي ڪَنَ ۾ آواز ٿيو
اها تہ عشق جي آه آهي ـ !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سولي سنڌي ۾

او — اديون !
سمجهو نٿيون
ٻر پٽن ۾
آهون دانهون ۽ رڙيون
ڇو ٿيون ٿين ؟
ڪير ٿيون ڪن ؟
ڪونج ڇو ٿي ڪُرڪي ؟
ڇو ٿي رڙي ؟
ڪنهن کي ٿي سڏي ؟
هي آهون دانهون رڙيون
سڀ عشق جون
عشق جي سڪ جون
عشق جي ڇڪ جون
اهڙي ڇڪ
اهڙي ٽڪ
جهڪا وڏا پيڙا
وڏا جهاز
ڇڪيو ڪَنَ ۾ هٽي !!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٤)

رچن ۾ رڙ ڏي - ڪر سارنگيءَ ساز
ايءَ عشق جو آواز - ماڙهو رکن مُنڌ تي

○

سولن لفظن ۾

دانهن ڏي - ڪُوڪ ڏي - رڙ ڏي
رچ ۾ - رڻ ۾ - بر پٽ ۾
ڇڙ سارنگيءَ ساز
سارنگي جو آواز
هي عشق جي درد جو آواز
ماڻهو تهمت رکن - مهڻو ڏين
زال ذات کي - !

○

سولي سنڌي ۾

او - اديون !
ماڻهن کي ته ڏسو
مٺن مڙدن کي ڏسو
سسئي جي

ڏانهن ـ ڪُوڪن - رڙڻ
سسئي جي
سنهڙي نڪي سارنگي جهڙي
سورن جي آواز کي
جي هُو ويچاري ـ عشق جي ماري
پنهنجي پنهل لاءِ
رڃ ۾ ـ رڻ ۾ ـ رڻ پٽ ۾ پئي ڪري
زال ذات جي ـ عورت جي
ڪمزوري ٿا سمجهن ! !

○

(٢٥)

هيءَ گهايل هڏ گهوري، ووا الا ميان !
ڪيچي مون نه سڃاتا
عشق آريءَ چام جي، هيءَ جهونڙي هڏ جهوري
ووا! آلا ميان! ڪيچي مون نه سڃاتا
(وائي)

○

سولن لفظن ۾

او ميان !
هي گهايل هڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زخمي بدن
ڪيچي ٿان قربان - صدقي
ڪيچي منهنجا نه مائٽ
آري ڄام جي عشق
هن ضعيف بدن کي
جهوري رکيو آهي
ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي
او - ڀائو
ڪيچين سان منهنجو ڪهڙو سڱ
ڪيچي ڪو منهنجا مائٽ !

○

سولي سنڌي ۾

او - ميان
او - ڀائو
مونکي ڇا ٿو ڏسين
عشق جي ماري آهيان
پنهل جي گهوري آهيان
پنهل جي گولا ۾ نڪتي آهيان
ضعيف هڏ آهيان
زال ذات آهيان
هلي هلي
ٿڪي ٽٽي پئي آهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ھي ھڏو ۽ چم
عشق تان قربان
پنھل تان صدقي
پڇين ٿو ته ڪيچي
ڇو مونکي ڇڏي ويا ؟
شايد آءٌ ڏاري ھيس
پنھل ڪڻ سواء
پيو ڪو انھن سان
منھنجو سڱ نه ھو
ڪا مائٽي نه ھئي !

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٦)

عشق آريءَ چام جي ـ ڪيس نماڻي نيڻهن
وو ! ڇڏي تون ڪو ڇپر ويندين
(واڻي)

○

سولن لفظن ۾

آري چام پنهل جي عشق سبب
نيڻهن نماڻو ڪيس
او ! تون ڇو ـ ڪيئن ؟
جبل جهاڳي ويندئين.

○

سولي سنڌي ۾

او ـ اديون !
جيئن
ميڻهن جي نسبت
ڌرتي سان
تيئن نيڻهن جي نسبت
عورت سان

ڏرتي بہ نماڻي
نہ عورت بہ نماڻي
جيئن ڌرتي کي سِڪ
مينهن جي
تيئن عورت کي سِڪ
پر اي سسئي
نينهن جي
تون هاڻ
هيڏا جبل جهاڳي
ڪيئن پنهل ڏي ويندئين ؟

○

(٢٧)

لڳي آهي نہ لهي ـ سنديءِ عشق پچار
و و يار ! لڱءِ لڱءِ ۾ لاٽن جي
(وائي)

○

سولن لفظن ۾

عشق جي پچار لڳي آهي
سا نہ لهي
او ـ يار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳ رڳ ۾ - نس نس ۾
ڳاڙهي ڳهوٽ جي
محبوب جي - !

○

سولي سنڌي ۾

او - اديون
پنهل جي پچر
ڪيئن ڇڏيان ؟
منهنجي دل ڪي
من ڪي - تن ڪي
يار جي لغار لڳي
تنوار لڳي
پنهل منهنجو لال آهي
ڳاڙهو ڳهوٽ آهي
جنهن اهو انقلاب
مون ۾ آندو آهي - !

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٨)

آريءَ جي عشق جي ـ مون کي آندر آڳ ٻري
ڏينديس ماه ِ مُرن کي (وائي)

○

سوان لفظن ۾

آري ڄام پنهل جي عشق جي باهه
منهنجي اندر ۾ پئي ٻري
آءٌ پنهنجو ماس ميروئن کي ڏينديس

○

سولي سنڌي ۾

او ـ اديون
او ـ ڀينر
وو ـ يار
آري ڄام پنهل جي
عشق جي باهه پئي ٻري
پنهل ڪانسواءِ
منهنجي هاڻ نه ٿي سري
نه ٿي گذري
سو پنهل لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جبل جهاڳيندي س
ڇوڙ ڏيلي
جبل جا مرُون
منهنجو ماس کائين
مونکي ماري ڇڏين — !

○

(٢٩)

ڪٿن اُڙايئي ڀانـد — ڀلئو ڀـرڏيهـين سهن
متيون موڙهيئي سسئي — ڪيئي ڪوهيارو ڪانڌ
رُليي ڀـانيئي رانـد — ڀانيڻ عشق ڀروچ جو

○

سوان لفظن ۾

ڪيڏن اڪايئي ڀوتي جو ڀلئو ڀرديسهن سان
سسئي، تنهنجي مت مُندي — مت ماري
جو ڪيئي — ڪوهه وارو — جبل وارو
ڪيچ مڪران ملڪ وارو — ڀتار، مڙس
تو سمجهو ته
ڀانيڻ ذات واري جو
ڀروچ ذات واري سان عشق به
ڪا راند آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ پلي پٺي ُرل پن
۽ ڏڪا کاءِ ـ !

○

سولي سنڌي ۾

او ـ سسئي !
ٻانيٽياڻي
ڇو پرڏيهي سان
پوتي پڙها پٺي
نڪاح وجها پٺي
تنهنجي مت ماري هئي
جو ايئين ڪيئي ؟
پرديسي مڙس ڪيئي !
هاڻ پلي پٺي
ُرل پن
۽ ڏڪا کاءِ
تو سمجهو ته
عشق به ڪا راند آهي
جا تون ڪيڏي وئندين ـ !

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٠)

ڇا ڪي وڃيو ڇو - ٻيلي ٿئين ٻين جو
وٽ ڪنهن ڪريم جي - جڳ جو والي جو
سؤکو هوندو سو -- جنهن جو عشق الله سين.

○

سولن لفظن ۾

ڇا ڪي ؟
ڇو ؟
وڃو ٻين جو غلام ٿين
واڳ وٽ
ڪرم واري جي
جو سڄي جهان جو
حاڪم آهي
اهو آسودو هوندو
جنهن جو عشق
الله سان ـ !

○

سولي سنڌي ۾

او ـ ادا ڙي يار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا ڪي؟
ڇا لاءِ ؟
ڇو ؟
ٻي جو ٻوليٰ ٿين
ٻي جو غلام ٿين
جي غلام ٿين
ته پوءِ
الله جو ٻانهون ٿي
الله جو غلام ٿي
الله جي واڳ وٺ
الله جي رسيءَ کي جهل
سڀ جڳ جو
سڀ جهان جو
والي ته اهو آهي
مالڪ ته اهو آهي
حاڪم ته اهو آهي
جيڪو الله جو ٻيائي هوندو
حاڪم جو غلام هوندو
سو سکيو ستابو ٿيندو — !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

(٣١)

آثارو تنهن عشق جو ، ڪڏهن ڪونه ڏٺوم
محبوبن مينشون ڪري - سڪ سيڪاريوم
تنهان پوءِ ڏٺوم - آرو پسڻ پرينءَ جو

○

سولن لفظن ۾

انهيءَ عشق جو پر جهلو ڪڏهن نه ڏٺم
نشان ڪڏهن نه ماڻيم
محبوب منٿون ڪري سڪ سيکاريم
تهن ڪانپوءِ آرٿيم - سڪ ٿيم
پرينءَ کي - پيار واري کي، ڏسڻ جي

○

سولي سنڌي ۾

او - ادا ڙي يار !
ڪڏهن به - ڪٿي به
الله جي عشق جو
آثار نه ڏٺم
نشان نه ماڻيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جڏهن ڪان
محبوب ـ حبيب
منٿون ميڙون ڪري
سڪڻ سيکاريم
سڪ جو سبق پڙهايم
تڏهن ڪان
سڪ ٿيم ـ چِڪ ٿيم
آر ٿيم ـ خواهش جاڳيم
پرينءَ کي
پيار ڪرڻ واري کي
ڏسڻ جي ـ ملڻ جي ـ !

○

(٣٢)

عِشق اهڙي ذات ـ جو، منجهائي مَيَن کي
ڏِيهان ڏورڻ ڏونگرين ـ رُڏڻ سَيَجهائي رات
آئيي ويئي تات ـ ميان محبوبن جي

○

سولن لفظن ۾

عشق جي ذات اهڙي آهي
جو مين جون ـ وڏن جون

متيون منجهايو ڇڏي
ڏينهن جو جبل ڏڪر ڦرندا ٿا پون
سڄيون راتيون روندو ٿو پوي
او ـــ ميان !
اٿندي وهندي
محبوب جي
ذات طلب ٿي رهي !

○

سولي سنڌي ۾

او ـــ سائين !
عشق آهي ڏي
اهڙي ذات
اهڙي صفات
جو، جي مينڪي لڳي
اُن کي لڳي
ته انهن کي به
مست ڪريو ڇڏي
سو جي
انسان ذات کي لڳي
ته وڏن وڏن کي
منجهايو ڇڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عقل مت وڃايو ڇڏي
ٻوء وتن ٻٽڪندا
جبل جهاڳيندا
اوجاڳا ڪندا
رت روئندا
آهون ۽ دانهون ڪندا ــ !

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٣)

ڪَوُنَر پاڙون پاتاَر ۾ - پَنوُنَر پري آڪاس
پنهين سنڌي ڳالهڙي - رازق آندِي راس
تنهن عشق کي شاباس - جنهن محبتي ميڙيا

○

سوان لفظن ۾

ڪنول گُل جون پاڙون پاتال ۾ -
اوڙاهه ۾ -
ڪارو پئونر نِنڍڙو جيئن ڦري آڪاس،
آسمان
پنهي جي ڳالهه
رزق ڏيندڙ
روزي رسائيندڙ
راس ڪئي - پڪي ڪئي
انهي عشق کي شاباس
جو محبت ڪرڻ وارن کي
پاڻ ۾ ملاءِ

○

سولي سنڌي ۾

او - منهنجا سائين !

ڪنول جو گُل
جو گلن ۾
شهزادو آهي
تنهن جون پاڙون
پاڻي جي اوڙاهه ۾
ڌرتي ۾ آهن
۽ ننڍڙو جيت
ڪارڙو ڀنئور
آسمان تي ٿو ڦري
آسمان جو سير ٿو ڪري
ڇو ته
اها انهن جي فطرت آهي
انهن جي روزي – خوراڪ
اهڙي جنڙي راس تي آهي !
اهڙي عشق کي شاباس
جو محبت ڪرڻ وارن کي
ميڙي – ميلاپ ڪراءِ
ڇو ته
اها فطر تي ڳالهه آهي
قدرت جي تقاضا آهي

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٤)

ڪَوُنرَ ٻاڙون ڀاتار ۾ - ٻَوُنرَ ٻيري ۾ سَڄ
ٻنهي سندي ڳالهڙي - عشق اِئي آهيج
ڏوه نه لهين آج - جي ٻيو ٻيهين ڀانءِ ۾

○

سولن لفظن ۾

ڪوُنر گل جو ٻاڙون ڀاتال ۾ - اوڙاهہ ۾
ڪارڙو ڀوُنر خوش ٿئي - راضي ٿئي سڄ ۾
انهن ٻنهي جي اها ڳالهہ - اهو مثال
آهي آهجاڻ عشق جو!
تنهن هوندي به
آج نٿي لهين
سو پيٺو ٻين ڀانءِ ۾ - !

○

سولي سنڌي ۾

او - منجها سائين
اُو - اديون
وو - يار !

ڇا لڳي ڪنول جو
نازڪ نرم
شهزادي جهڙو ڳل
ڇا لڳي
ڪارو پؤنر — !
ڪا نسبت ڪانهي
ڪا ڀيٽ ڪانهي
هڪ پاتال ۾
پاڙي ۾ خوش
نه ڀيو سڄ ۾ راضي
تنهن ڪان پوءِ به
تنهن هوندي به
پنهي جو پاڻ ۾
پيار آهي
عشق به
انهن جي مثال آهي
انهن وانگر آهي
عشق جي آڳ
پيار جي پياس
پيار بنا
ڪڏهن نه لهي — !

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٥)

وهڻ تيڪ، واهڙ تيڪ، جت نيهن، تيڪ نرالي
جن کي عشق عميق جو - سي خلوت خيالي
واريءَ سي، والي - هينئڙو جنهين هٿ ڪيو

○

سولن لفظن ۾

درياهه جي وهڪري ۾ تيزي
درياهه مان نڪرندڙ
واهه جي وهڪري ۾ تيزي
پر جت نيهن
جتي پيار
اتي تک
اتي وهڪ
پاڻي جي تيزي نرالي
عجيب و غريب ! -
جن کي عشق
عميق جو
اونهي جو
تن وٽ
خالي اڪيلائي
او - والي
ڌڻي - مالڪ - حاڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن کي موتاءِ آڻ
جن منهنجي دل
هٿ ڪئي - ڪسي - !!

○

سولي سنڌي ۾

او - اديون
درياهه جي پاڻي جي
تک - تيزي
واهه جي پاڻي جي
تک ۽ تيزي
پنهنجي جاءِ تي
تيز کان تيز تر سهي
پر نينهن جي تک
پيار جي تک نرالي
انهي سان لڳيئي ڪونه -
۽ جن کي
سمنڊ جو عشق
اونهي جو عشق
تن وٽ
خيالي اڪيلائي
خالي تصور ڏي تصور - !
او - سائين

منهنجا مالڪ
انهن کي موٽاءِ
مون وٽ آڻ
جن منهنجي دل
هٿ ڪئي آهي
جي منهنجي دل
ڪٺي ويا آهن — !

○

(٣٦)

تار ترندڙن ، ٽٽڙ لنگهندڙن — عشق جي آڌار
ترڪڻ آهي ٽڙ ۾ (وائي)

سولن لفظن ۾

تار درياهه تري ويندڙئين
درياهه جي ٽڙ ليٽ لنگهي ويندڙين
عشق جي آڌار تي — سهاري تي
ٽڙ ۾ — لنگهه وٽ
گهيڙ ۾ گپ آهي
ترڪڻ آهي

○

سولي سنڌي ۾

او — سهڻي !
تون
عشق جي آڌار تي
عشق جي ڌُرهي
تار درياهه
تري ويندئين
پار ٿيندئين
ڪُڙ — دنڊ
لنگهي ويندئين
پر هشيار رهج
خبردار ٿج
ٽڙ وٽ
گهيڙ ۾
ترڪڻ اٿئي
مٿان ترڪي پوين — !

○

(٣٧)

جيئان ڳوهي ٿئان واٽ، ڳڪهر پڇن ڪُوڙيون
جن کي سڪ ساهڙ جي، سي گهيڙ نه پڇن گهاٽ
جن کي عشق جي آسات، سي واهڙ پائن ڳوڙهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوان لفظن ۾

جتان درياهه سير وٺي وهي ٿو
اتان ڏي وات آهي - لنگهه آهي
ڪپ - ڪنارا ڪوڙيون پڇن
جن کي يار جي سڪ آهي
آهي گهيڙ، گهات، تڙ ڪو نه پڇن
جن کي عشق جي باهه آهي
اهي درياهه کي وک برابر سمجهن.

○

سولي سنڌي ۾

او - اديون !
جيئن درياهه
سدائين
وچ سير وٺي وهندو آهي
تيئن
عشق جي وات
عشق جي سير - !
عشقوارين ڪپر ڪونه پڇن
ڪنارو وٺي ڪونه بيهن
ايئن ته ڪوڙيون ٿيون ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن کي عشق جي باهه
تن کي يار جي سڪ
پيار جي آڄ
ڪٿي ٿي ٻهڪ ڏي
آهي نه ڏسڻ
گهيڙ نه گهاٽ

گهڙيو پون وچ درياهه ۾
وچ سير ۾
انهن لاءِ درياهه
هڪ وک جي برابر !

○

(٣٨)

جهول نه جهلي سهڻي - سامر سٽ سنڌياس
جنهن اِهڙي چاڙهي عاجزا - سانئر مڙڪي ماس
پرين جي پياس - ته ڪري عشق آڏين

○

سولن لفظن ۾

درياهه جو پريل پيٽ
سهڻي کي نٿو جهلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درياهہ سهڻي جي سٽ نتو جهلي
جنهن نماڻي ماءُ
اهڙي ڏي ڄائي
اها پلي مرڪي - فخر ڪري
جي سهڻي جي پياس ڏسين
اڄ ۽ سڪ ڏسين
تہ عشق جي سچائي مڃين
عشق جي حقيقت مڃين
عشق ڪرين - !

○

سولي سنڌي ۾

او اديون !
سهڻي کي
درياهہ نہ جهلي
پلي جهول ڪري
تار وهي
سهڻي هڪ ڏي سٽ ۾
بنا ساهي پٽن جي
پار ڪيو وڃي - !
پلي سهڻي ماءُ
مَرڪي - فخر ڪري
جنهن اهڙي ڏيہ ڄائي !-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اوهانکي به
هڪا لڳي هجي
اَڄ ٻُڪ ڏني هجي
پيار جي پياس هجي
ته خبر پوي
عشق ڇا آهي
حقيقت ڇا آهي
ته پاڻ ئي عشق ڪريو – !!

○

(۳٥)

عدد ناهي عشق جو – سُڻي تيءُ ساڻي
ڪانهي پُڄاڻي – مَهندان مُنڊ ! ميهار جي

○

سولن لفظن ۾

عشق جو عدد نه آهي
انگ نه آهي – ڪاٿو نه آهي
ٻُڌي تون مدد گار ٿي
اهڙي عورت اڳيان
ميهار جي پڄت ڪانهي –!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سولي سنڌي ۾

او ـ اديون !
ٻڌ جي پيو ته
اڄ رات
مهراڻ جي
موج ۽ مستي جو
ڪاٿو ئي ڪونهي
بي حساب پاڻي آهي
هلو ته
سهڻي جي مدد ڪريون
ميهار
پهچي نه سگهندو ـ !

يا

او ـ اديون !
عورت جي عشق
عورت جي پيار
جي پڄاڻي ڪانهي
ڪو حساب ڪونهي
عورت مرڻ گهڙي تائين
آخري دم تائين
پيار ئي پيار آهي
ان جي پيٽ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڙد جي عشق
مڙد جو پيار
ڪجھہ بہ ڪونهي
پيار عشق جي
ذاتي ۾ معاملي ۾
عورت کي
عورت جو سات ڏيڻ گھرجي
مدد ڪرڻ گھرجي — !'

○

(٤٠)

پاڻَ ۾ ڪَنجِ پـاڻ سـيـن — وسيلا ورچـاء
عشق سـاڻ آناه — پير پريان جـي پـاڙ ڏي

○

سولن لفظن ۾

پاڻ نہ ڪڻ پاڻ سان
وسيلا — واسطا ڇڏ
عشق سان پير ڪڻ
عشق سان هل
پرين — محبوب جي
پار ڏي — طرف —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سولي سنڌي ۾

او ــ سائين !
جي عشق ڪرين
ته پوءِ
خودي ڇڏ
آءُ ـ آءُ ڇڏ
پاڻ وسار
۽ هل محبوب ڏي
منزل ڏي

○

(٤١)

پاڻُ مَ ڪڇ پاڻَ سين ــ ري وسيلي وڃ
لاڳــنُ تــنــين ڳــڃ ـ عشق جن جي اڳ ۾

○

سولن لفظن ۾

پاڻ نه ڪڇ پاڻ سان
سواءِ وسيلي جي اڳتي وڃ
ڳاڙهو گهوٽ تن لڌو
جن جي اڳيان عشق آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سولي سنڌي ۾

او ـ اديون !
کودي چڏي
آئون وساري
پاڻ کي پنهنجي
پاڻ ميٽائي
وسيلو چڏي
لاڳاپا لاهي
پوءِ
پيار ڪريو
اڳتي وڌو
ڳاڙهو گهوٽ
اهي لهنديون
جن جو اڳواڻ عشق
جن جو امام عشق ـ !!

○

(٤٢)

پنهنجي جي ميهار ڪي ـ پنهنجي سي ميهار
ترهو تنهين بار ـ عشق جنهن آکرو

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سولن لفظن ۾

جي ميهار کي پڇن
تن کي ميهار پڇي
جن جو عشق مهانگو
جن کي عشق گهٽو
تن کي ـ تن لاءِ
ٽر هو ـ جنهن سان تر جي
ٻار ٿيو پوي ـ بوج ٿيو پوي

○

سولي سنڌي ۾

او ـ اديون !
دل کي دل سان
راهه ٿئي ٿي
عشق هڪ طرفو ڪونهِ ٿئي

جي سهڻي کي
ميهار جو عشق آهي
ته ميهار کي به
سهڻي سان عشق آهي
سهڻي کي
ته ايترو عشق آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪيس گهڙو ٻه
ٻار ٿو لڳي – ! !

○

(۴۳)

عِشقُ جَنهين کي آڪرو – ٿُرهو مٿي ٿَن
جي ساهـ ۾ ڪـي سڪن – تنهين جو جند ٿئي

○

سولن لفظن ۾

جن کي گهڻو عشق
ٿرهو ٿن جي مٿي ٿي
جي يار کي سڪن
ٿن کي پاڻي – درياهه پار ڪرڻ
ايئين آهي ڄڻ جند پيهي – !

○

سولي سنڌي ۾

سهڻي جي عشق جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھڙي ڳالھہ ڪجي
کھڙي ٻچار ڪجي
متي تي گھڙو رکيو ٿي اٿس – !
درياھہ پار وڃڻ
سھڻي لاءِ اھڙوئي آھي
جھڙو اسان لاءِ چنڊ پسڻ – !

○

(٤٤)

تُرھو آڇ مَ تين کي – جن عشق سين آگاھہ
پُڇي مَتس مــلاحَ – ساھـڙ ميٺي سُوھـڻي

○

سولن لفظن ۾

تُرھو تن کي نہ آڇ – نہ ڏي
جن کي عشق جو علم آھي – ڄاڻ آھي
جي عشق کان آگاھہ آھن
يار وٽ پھچي – مھار کي ملي
سھڻي ملاح جي پڇي – !

○

سولي سنڌي ۾

او ـ اڊيون !
وو ـ يار !
سهڻي وڃي
ساهڙ وٽ پهتي
ميهار يار کي ملي
جنهن جي هٿي
تنهن جي ٿي
هاڻ چو ٿيون
ٻُڙها آڇهو ؟
چو ٿيون
ملاح پڇايو ـ ؟
ڇا ؟
عشق کان آگاهه نه آهيو
عشق جي ڇاڻ نه اٿو ـ ! !

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف سان شڪوو شڪايت -!

او ساٿي - !

۱- هن ڪان اڳ
اڄ تائين
فقط
لطيف جي واڪاڻ
لطيف جي ساراهه
ٻڌي ڪئي اٿئون
جڻ تہ
لطيف انسان نہ هو
ڪو فرشتو هو
آسمان تان لٿو هو - !

۲- اوهين چوندا
مٺن ڪهڙا مامرا
مٺن سان ڪهڙي شڪايت - ؟
جواب آهي
لطيف اڃان مٺو ڪونهي
لطيف زنده آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادب جي ڪيتر ۾
هڪ طاقت آهي
جيئن مستر ڀٽو
سياست جي ميدان ۾
هڪ طاقت آهي — !

٣— ها، سو ڇيم پئي
ته لطيف جي واڪاڻ
لطيف جي ساراهه
ائين پئي ٿئي
ڄڻ ته
لطيف انسان نه هو
ڪو فرشتو هو
آسمان تان لٿو هو
لطيف سان
هي وڏو ظلم آهي
نسورو ناحق آهي
انسان آخر
انسان ئي آهي
غلطي جو گهر
ڀُل چُڪ ڪرڻ وارو
شايد
ابوالڪلام آزاد

پنهنجي هڪ ڪتاب
غبار خاطر ۾
لکيو هو تہ
اهو انسان ئي ڪهڙو
جو غلطي نہ ڪري - !
ضرور غلطي ڪري
ڀلي گندگيءَ ۾
لت پت ٿئي
پر پوءِ
پاڻ کي ڌوئي
اهڙو صاف ڪري
جو انهي پاڻي مان
فرشتا وضو ڪن - !

٤- تہ انسان هجڻ جي
ناتي سان
انسان جي نسبت سان
مونکي لطيف سان
ڪجهہ اختلاف آهي
ڪجهہ شڪايت آهي
ڪجهہ گلا آهي
يعني
شڪوو ۽ شڪايت - !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۵- اختلاف آهي
سنڌس ڪوهياري سان
ڪوهياري جي
هن وائي سان
”گلا ڪا مَ ڪري
لکيو تا نہ ٽري“ !
سنڌس هن فڪر
هن فلسفي
هن فهم
سنڌي عوام جا
سنڌڙي جا
لاهہ ڪڍي ڇڏيا

۶- شڪايت آهي ساڻس
سهڻي جي هن سٽ سان
”پاڻ مَ ڪڇج پاڻ سين
وسيلا وڃاءِ ....“
جنهن اسان ڪان
علامہ آءِ - آءِ قاضي وڃايو - !
گلا آهي ساڻس
جو سنڌس رسالي جو
هڪ ڇاڻون
هڪ پارکو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ سنڌي فلسفي
ضرورت جي فلسفي هيٺ
سڀ ڪجهه ڪري گذرڻ کي
جائز قرار ڏنو
حق ڪري سمجهو
انصاف ڪري مڃيو ـ !
۽ لطيف جي
مان واري مٿي
ڪجهه به نه ڪري سگهي ـ !!

٧ـ اهو اختلاف
اها شڪايت
اها گلا
ظاهر آهي
انفرادي آهي
منهنجي آهي
مونکي آهي
تنهنڪري مون لاءِ
لطيف جي عظمت
لطيف جي بزرگي
لطيف جي پيري مريدي
لطيف جي
درويشي ۽ فقيري
ايئين آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن موهن جي دڙي جي
عظمت ۽ وڏائي
جيئن معصوم شاهہ جي
مناري جي
عظمت ۽ بلندي
انهن کي ساراهي تہ سگهانٿو
انهن تي فخر تہ ڪري سگهانٿو
پر انهن جي
تقليد نٿو ڪري سگهان
پيروي نٿو ڪري سگهان
اهي منهنجي
ڪنهن ڪم جا نہ آهن – !

٨– يقين ڪري وٺو
پڪ ڪري سمجهو
تہ هر هڪ ٻولي
جيڪا زنده آهي
جيڪا مئيي نہ آهي
انهي جو
وڏي ۾ وڏو هڪتاب
انهي جو
عظيم ڪتاب
اڃان لکجڻو آهي
ڇو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارتقاء جي اصول
ارتقاء جي عمل
جي ،
اهڙا تقاضا آهي – ! !

٩– لطيف جي وقت کان
لطيف جي فهم ۽ فڪر کان
لطيف جي ڄاڻ ۽ علم کان
لطيف جي سير ۽ سفر کان
لطيف جي مشاهدي ۽ معرفت کان
لطيف جي راڳ ۽ رنگ کان
سرور ۽ تنبوري کان
اسين ڪجهه نہ هوندي بہ
ڪجهه نہ ڄاڻندي بہ
گهٽو آڳاهون آهيون
گهٽو اڳتي نڪري آيا آهيون – !

١٠– پهلا پڙهايو تہ سهي
سوچو تہ سهي
سمجهو تہ سهي
سنڌي رسالن تي
سنڌي ڪتابن تي
بندش پئي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاھ جي رسالي تي
بندش ڇو نٿي پوي ـ ؟
سينسر شپ ڇو نٿي ٿئي ـ !

١١ـ غير تہ چاھين ٿا
تہ اوھين
ڀلي وڃنا لطيف کي ڳائيو
غريبي ۾ خوش رھو
رب جي رضا تي راضي رھو
بک مرو
پر پنھنجا ڪک نہ ڇڏيو
مٽ مائٽ نہ ڇڏيو
وڃنا آسمان ڏي ڏسو
تہ آگو ـ
ڪڏھن ٿو احسان ڪري
سارنگ ڪڏھن ٿو سانٽ ڪري
۽ لطيف سائين جي چوڻ موجب
وچڙي ڪڏھن ٿي
ڪعبي تي ڪنڌ نماء
ڪابل ۽ قنڌار ڪان ٿي
ملتان وساء
۽ پوء
اوھان جا ”پَٽَ“ ڀري ـ !
ٽيسٽاٽين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهمن وينا هي دعا پنو
”سانئيم
سدائين ڪرين
مٺي سنڌ سڪار
دوست
مٺا دلدار
عالم سڀ آباد ڪرين“ !
افسوس ته اهو آهي
جو لطيف جي
هن Idea کي
هن فڪر کي ٻه
محض
جزباتي انداز سان
ڏنو ويو
رومانس سمجهو ويو – !
گهٽ ۾ گهٽ
هي ته سوچو
لطيف سنڌ لاء
گُهري ڇا ٿو – !!
آخرت موچاري نٿو گهري
جنت نٿو گهري
دوزخ کان پناهه نٿو گهري
گهري ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اقتصادي خوش حالي
اقتصادي ترقي ــــ !!

١٢- لطيف سائين کي
سرمايه داري نظام ۾
جاگير داري سرشتي ۾
ٻادشاهت ۾
ڪو اوگڻ نظر نه آيو
ڪو عيب نظر نه آيو
راء ڏياچ ـ راڻو ـ عمر
ڄام تماچي - وغيره وغيره
سڀ سنڌس هيروز آهن ـ
سورما آهن ـ !

١٣- راء ڏياچ
راڄا صاحب وٽ
ڌن دولت جي
مال متاع جي
ڪمي ڪانهي
ڪاٿوڙي ڪونهي
ماڻڪ ـ موتي ـ لال
هاٿي ـ ڪتا ـ گهوڙا
حويليون - محل - محلات
سورت ـ داسيون ـ ٻانهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ڇا آهي
جو راجا صاحب
سرمايه دار صاحب
راڳ رنگ جو شوقين آهي
۽ شوق جو
ڪو مُلهه ڪونهي
ڀيجل جي راڳ تي - ساز تي
حال ۾ اچي
بي حال ٿي
سر وڍاءِ ته ڇڏي
خودڪشي ڪري ته ڇڏي - !
اهڙا راجا
اهڙا نواب
اهڙا رئيس
اهڙا وڏيرا
اهڙا چوڌري
اهڙا سيٺيا
اڄ به
سنڌ ۾ ڳولبا
ته ڪوڙ ليي پوندا
جن پنهنجي
شوق پوري ڪرڻ لاءِ
عيش ڪرڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجا جهڳا جهڙ ڪري ڇڏيا
پنهنجا گهر تباهه ڪري ڇڏيا
باقي
غريبن جي حالت سڌارڻ لاءِ
غريبن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ
حرام جو ڪا دمڙي ڏنائون
ڪا پائي خرچ ڪيائون – !

١٤– ساڳي طرح – ساڳي ريت
جي اڄ جي سماج ۾
تلاش ڪبي – ڳولا ڪبي
کوجنا ڪبي
ريسرچ ڪبي
ته ڪيترائي
راڻا ڪاڻا ملي ويندا
جي رات پيٽ ۾
رات وچ ۾
ڪنهن جيپ تي چڙهي
ڪنهن هوائي جهاز ۾ ويهي
ڪنهن هيرا منڊي جي
مومل ماڙي
صبح جو – پرڀاتي ويل
تڪ اچي
پنهنجي حويلي ۾ ڪندا – !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۵- اهڙي ريت - اهڙي طرح
عمر جهڙا ٻه ڪي هوندا
جن کي شوق هوندو
آس پاس جون سڀ سهڻيون
سڀ هاڪاريون
پنهنجي حويلي ۾
جمع ڪرڻ جو - گڏ ڪرڻ جو
سواءِ ڪنهن ٻره جي
سواءِ ڪنهن
Sex جي بک جي
انهي لاءِ ته وٽن
اڳيئي وٽانئ پريل هوندا آهن
ماڙيون سيٽل هونديون آهن - !

۱۶- پلان پلي جو ڪو ڇيهه ته ڪونهي
ڪنهن ڳالهه جو ڪو ڊنگ ته ڪونهي
پر اڄ ٻه
چار تماچي جهڙا
ڪيترائي چار
ڪيترائي سردار
ڪيترائي مرشد
نوريون نوازيو ويٺا آهن
ڪولهيڻون - پيلڻيون

وهاريو ويٺا آهن
۽ انهن جي خاندان کي
انهن جي مائٽن کي
ويٺا پالين ـ ڀِيا ڪارائون ـ !

١٧ـ مختصر ڳالهه هي آهي
مطلب هي آهي
ته لطيف سائين جا
سمورا ڪردار
ٿوري ڦير ڦار سان
قدري مختلف شڪل ۾
اسانجي سماج ۾
اسانجي سوسائٽي ۾
اڄ به موجود آهن
جي اسان جي ملڪ کي
اسان جي قوم کي
اسان جي سنڌ کي
تباهه ۽ برباد ڪري رهيا آهن

١٨ـ آهي ٿي مير ـ اهيئي پير
آهي ٿي فقير ـ اهيئي موالي
آهي ٿي مولائي
ڊونهڙيون دکايو پيا هلن
ٻاهڙيون لڳايو پيا هلن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُھن وٽان سنڌ کي
ڇا مليو ـ ؟
ڇا پيو ملي ؟
اھو ڪنھن کان اڻ ڪونھي
لطيف کي
مرشد سائين کي
پنھنجن اھڙن
سيني ڪردارن جي
ڪجھ ته ٻڌائي
ڪرڻ کپندي ھئي
ڪجھ ته گلا
ڪرڻ کپندي ھئي
گھٽ ۾ گھٽ
ھي ته نه چوڻ کپندو ھو
”ظاھر ۾ زاني
فڪر منجھ فنا ٿيا
تنين کي تعليم جي
ڪُڙه اندر ڪاني
حرف حقاني
دور ڪيائون دل ۾“ ـ !

١٩ـ مجان تو ـ تسليم تو ڪيان
انڪار ڪريان
ته ڪافر ٿيان

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

لطيف سنڌي ٻوليءَ جي
لطيف سنڌي ادب جي
ڀرپور خدمت ڪئي
پر سنڌس تخليق ڪيل ادب
براءِ ادب آهي
براءِ زندگي ڪونهي — !
گهٽ ۾ گهٽ

مجموعي تاثر جي لحاظ کان
اجتماعي اثر جي لحاظ کان
نتيجي جي لحاظ کان —— !

٢٠ - لطيف جي سوچ
لطيف جو فڪر
لطيف جو ادب
لطيف جو ڪلام
سچي جو سچو عشق آهي
رومانس آهي
رومانٽڪ آهي
۽ اڄ جي سائينٽيفڪ
سوچ اڳيان
فڪر اڳيان
رومانوي ادب کي
ڪا حيثيت ڪانهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محض عياشي آهي
وڏي ڳالهه ته
فراريت آهي — !

٢١— جي اوهانکي اڳتي وڌڻو آهي
اڳتي هلڻو آهي
ترقي ڪرڻي آهي
ته پوءِ
لطيفي لات ڪي
ناهي سينگاري
ويڙهي سيڙهي
ڪلام پاڪ وانگر
گهر جي زينت
۽ برڪت خاطر
ڪٻٽ ۾ رکڻو پوندو — ا

٢٢— او ساٿي !
ڪن کولي ٻڌو
صاف ذهن سان ٻڌو
هڪ وڏي طاقت جو ليکڪ
سپر پاور جو اديب
اهڙي ادب جي باري ۾
چيو ٿو چوي
چوي ٿو —
”قديم وقت کان وٺي

اڳاڻي زماني کان وٺي
ادب جي دنيا ۾
ادب جي کيتر ۾
ورجاء - ورجاء
وراء - وراء
هي سوال ڪيا ويا
ته عشق ڇا آهي ـ ؟
نينهن ڇا آهي - ؟
زندگي ڇا آهي - ؟
انسان ڇو ٿو جيئي - ؟
اهڙن سوالن جو جواب
ڏيڻ ئي اجايو آهي
ماٺ ۾ رهڻ چڱو آهي
بهتر آهي ته
همدردي سان
انهن تي ويچاريو وڃي
تجزيو ڪيو وڃي
۽ منهنجي خيال ۾
اهڙا سوال
جديد دور جي
حقيقتن آڏو

بي وزن - بي زور
۽ بي وس آهن --

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مايوس ڪندڙ آهن
اهي ادب لاءِ
هاڃيڪار آهن
نقصان ڪار آهن -
تخليق جي عمل کي
ٺا ڪن - !
ليکڪ آهي
روس جو اسي ساله
مسٽر ليئو - Leo

٢٣- ساڳئين مضمون ۾
The form and
The Meaning
يعني
ظاهري صورت
۽ معنيٰ
يا ظاهر ۽ باطن
۾ اڳتي نڪي ٿو ته
ماضي جا جيڪي
وڏا Reformers هئا
وڏا انقلابي هئا
تن ڪڏهن به
اهڙن سوالن کي
اهميت ڪا نه ڏني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن
غربت خلاف جنگ ڪئي
بک خلاف بغاوت ڪئي
۽ اهڙي ريت
ڀرپور حياتي گذاري
هُو جي عشق ڪندا هئا
نہ ان جي نتيجي ۾
ٻي حياتي ـ نئون جيون
جنم وٺندو هو
صحت مند ٻار ڄڻيندا هئا
جي اڳتي هلي
جنم جنم جا ساٿي ٻڻجي
انسانن جي
خدمت ڪندا هئا ـ !

٢۴ـ هاڻ ٻي ولائت
ٻي وڏي طاقت
سپر پاور جو
سرتاج شاعر
مها ڪوي
رابٽ فراسٽ
Robert Frost
جنهن جو جنم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٨٧٤ ۾ ڄائو
۽ مري ويو
١٩٦٣ع ۾ ڄائو
جنهن جي حياتي ۾
دنيا جي ٻهرين ۽ ٻي
عالمي جنگ لڳي
پنهنجي هڪ ڊرامائي
هڪ ناٽڪي نظم

A Masque of Reason

عقل جي مسجد ۾
خدا تعاليٰ جي طرفان
هي لفظ چورايا ٿيو

Any originality
it showed
was of the Devil
He invented Hell
False Premises
are the original
of all originality
the sin

مطلب ٿيو
هر شئي — هر ڳالهه
جي ايجاد ۾
تخليق ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنيادي اوّليت
شيطان کي آهي
دوزخ شيطان جي ايجاد
بنيادي ڪوڙ
شيطان جي تخليق
سندس سڀ کان وڏو
بنيادي ڪوڙ
آهي گناهہ جو تصوّر — !

۲۵— آئون سمجهانتو
تہ لطيف سائين بہ
شايد ساڳي ڳالهہ
چوڻ ٿي چاهي
۽ چيائين بہ
پر يارن
انکي ڪجهہ ٻيو سمجهي
پنهنجي معنيٰ ڏيئي
ماڻهن کي گمراهہ ڪري ڇڏيو — !
لطيف چيو
"عاشق عزازيل
پيا مڙئي سڌڙيا
منجهان سڪ سبيل
لعنتي لال ٿيو" — !
لطيف پنهنجي ڪلام ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ ڪان اول
پاڻ ڪي
عاشق عبداللطيف چئي
پنهنجي واقفيت ڪرائي
پنهنجي چاڻ سڃاڻ ڪرائي
۴ سڀ ڪان اوّل
سڀ ڪان وڏو
عاشق
عزازيل کي قرار ڏنو
شيطان ڪري ليکيو
باقي اوهين پاڻ سمجهو — !
سچل سائين ته
بلڪل صاف چئي ڏنو
دوزخ دڙڪا
بهشت دلاسا
ڊاهه ويا سڀ
ڍهي — ڍهي — !!

-٢٦ پنهنجو اياز
جو اڄ V.C آهي
پاڻ وچاءِ ويٺو آهي
ادب جي باري ۾
١٩٥٥ع ۾
هڪ خط ۾

جيڪو مهراڻ ۾ ڇپيو
انهي ۾ ڇپيو ته
”ڪنهن به انسان کي
ان جي تخليق مان
پرکڻ ۽ پرجهڻ
نهايت غلط آهي
آرٽ ۽ ادب
حسن جي تلاش آهي
ڪڏهن
اديب جي ماحول ۾
ڪڏهن
سندس ذاتي جذبات ۾
ان ڪري
جي ڪنهن به شاعر جي
زندگي ۾
ڪي قبيح
ڪمزوريون آهن
ته اهي
سندس شعر ۾
نه ڳولي سگهجون
اهو لازمي نه آهي
ته هر شاعر جي زندگي به
ايتري حسين هجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيترو سنڌ ۾ شعر
ڪيترا شاعر ته
پنهنجي زندگي جي
قيامت ڪان پڄي
شعر ۽ شاعري جي
حسين دنيا ۾
پناهه وٺندا آهن" ـــ !
۽ منهنجي ويچار ۾
شايد لطيف جي
پٽ ڏٺي
پيناڻي گهوٽ
ائين ڪيو
پنهنجي زندگي سائين
قيامت ڪان پڄي
شعر شاعري
۽ راڳ رنگ ۾ پناهه ورتي
۽ ڪمال ته اهو
جو راڳ رنگ جي محفل ۾
راڳ ٻڌندي
وصال ڪرائين
دل بيهي رهيس
هارٽ فيل ٿيس ـــ !!
(ايل ـ ايم ـ سي ڪاليج ۾ ـ شاگردن جي
ڪوٺايل ادبي ڪانفرنس ١٩٧٨ع ۾ پڙهيو ويو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ ڏٺي

او - ساٿي !

جي اڄ
پٽ ڏٺي - پٽائي
موٽي اچي - جاڳي هوي
نه ڪفن ڦاڙي
پڙ اچلاءِ
سڳڙا وکٽي
حياتي تان هٿ کڻي
ويکن ۾ ويهي
سڏو
ٽي - وي - ٽيشن پهچي
سنڌي پروگرام پڇي
فقط اڌ ڪلاڪ
نه هفتي جي برابر
سو به -
به وقت ضرورت گم !
اهو ٻڌي - ڏسي
شرم ۾ ٻڏي وڃي
بيهوش ٿي پوي
هارٽ فيل ٿي وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر سينسر تي وڃي
۽ پوءِ
ڪڏهن نه ڪڏهن
ڪٿان نه ڪٿان
ڳالهه ڦٽي پوي
ٻئو ٻول ٿئي
سنڌو ۽ سنڌڙي جي
ڪن پوي
نئين قبر ٺهي
نئون قبو اڏجي
۽ بس ــ ! !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حياتي مبارڪ

١- نالو مبارڪ عبداللطيف
تخلص - عاشق
جنم - سنه ١١٠٢ هجري
برابر ١٦٨٩ - ١٦٩٠ عيسوي

وصال - ١٤ صفر سنه ١١٦٥ هجري
برابر ١٧٥٣ عيسوي
سبب - هارٽ فيل
ڪل ڄمار - اٽڪل ٦٣ سال

٢- والد محترم - حبيب شاهه
والده صاحبه - نالو نامعلوم - سنڌي
جنم جي جاءِ - هالا حويلي ضلع حيدرآباد
آخري آرامگاهه - ڀٽ شاهه ضلع حيدرآباد

٣- تعليم ۽ تربيت - مادري زبان سنڌي
آخوند نورمحمد واري واري ڪان
قرآن پاڪ جي پڙهائي
شاهه ڪريم جو رسالو
مثنوي مولانا روم
گهرو تربيت پيري مريدي
گهرو ماحول روايتي پاڪائي وارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۳ پاڪ بيبيون
ٻي پاڪ بيبي مان
هڪ وڏو پاءِ جمال شاهه
گهر جي چوڪي ۽ ڪم ڪار لاءِ
هر وقت مريدن ۽ مريدائين جي
حاضري

٤ــ شعوري يا لاشعوري طور
تي، لطيف جي لطيف طبعيت
تي، جيڪو گهرو ماحول جو
اثر ٿيو ، انهي جو عڪس
مون کي سندس ڪلام جي
ڦهرين ۾ سرن ڪليان ۽
۽ يمن ڪليان ۾، تمام
چٽو نظر اچي ٿو ـــ !
ڪليان ۾ الله ۽ رسول پاڪ
جو ذڪر آهي ــ الله ۽
رسول پاڪ کي مڃڻو آهي
ايمان آڻڻو آهي ــ انهي ۾
عقل ۽ انساني سوچ کي
ڪو دخل ڪونهي ــ بس
”چئل وڃائي چاڻ“ !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ ۵

يمن ڪلياڻ تہ شروع ٿي
حبيب جي ذڪر سان ٿو
ٿئي – يعني لطيف سائين جي
والد محترم حبيب شاهہ جي
شان ۾ – !

سائين حبيب ، پيري مريدي
جي حوالي سان سڀ ڪجهہ آهي
طبيب آهي – شفا ڏيندڙ آهي،
دلين جو مالڪ آهي ۽ وغيره
وغيره – !
حيرت فقط هن ڳالهہ تي اٿم
تہ لطيف سائين ، موکيءَ جو
ڪردار ، يمن ڪلياڻ ۾
ڇو آندو – !
موکيءَ جو ڪردار هڪ بازاري
عورت جهڙو آهي – ٿي سگهي ٿو
تہ اهڙي ڪردار واري ڪا
مريدياڻي بہ هجي – !!
تحقيقات ۽ کوجنا جي ضرورت آهي

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام جي ڪنجي

جڏهن ڪان
شاهه جو رسالو
مرتب ٿيو آهي
ڇپيو آهي
سندس ڪلام کي
سنڌي ٻولي ۾
قرآن پاڪ ڪري
ليکيو ويو آهي ـ !
۽ ان لاءِ
شاهه جو هي بيت
سند ۽ ثابتي ڪري
پيش ڪيو وڃي ٿو

"جي تو بيت ڀانئيا
سي آيتون آهين
وڃيو لئون لائين
پريان سندي پار ڏي."

هتي آيتن مان مراد
قرآن پاڪ جون آيتون ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪيو وچي ٿو
حالانڪ انهن مان مراد
علامتي شاعري
يعني Symbolic شاعري
به ٿي سگهي ٿو ـ !!
۽ منطقي لحاظ کان
هي مراد وڌيڪ وزن دار آهي ـ!
بهرحال
شاهه جي ڪلام جي
پهرين روايتي ڪنجي
ٿي آيت
جيتوڻيڪ اها ڪنجي
رسالي جي آخري سُر سهڻي ۾
ڏنل آهي ـ !

٣ ـ انهيءَ ڪنجي کان سواءِ
ٻي ڪنهن ڪنجي جي
نه ڪنهن ڳولا ڪئي آهي
نه ڪنهن ائي آهي ـ
شايد انهي ڏس ۾
منهنجي هي پهرين ڳولا
۽ ڪوشش آهي ـــ !
انهي ڳولا ۽ ڪوشش ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪنجيون (Keys)
هٿ آيون اٿم
سي آهن : —

(١) ”لات جا لطيف جي
سڌ تنهن جو سُجي
نينهن نيڻون
ڳڻ ڳالهه، وو “

[سرڪاپاڻ جي پهرين وائي]

سولن لفظن ۾

لطيف جي جيڪا لات آهي
تنهن جو سڌ
سيڪو سڄاڻي
نينهن — پيار — Love
اکين جي ڪري ٿئي
ڏسڻ سان ٿئي
او — ميان
ڳالهه جو آهي ڳڻ
مطلب ۽ مقصد — !

سولي سنڌي ۾

او — ميان !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا بيت
منهنجي شاعري
آهي لات مثل
پکيئڙن جي ٻولي جهڙي
جن جا ٻول
مختصر ۽ محدود

The words of
Command or communication
words which are mere signals
to stop or to go or to Love

يعني
اهي لفظ — آهي ٻول
جي پکيئڙا پاڻ ۾
لاڳاپي رکڻ لاءِ
علامتن ۽ اشارن طور
ڪم آڻين ٿا
چڻ تہ
هڪ ٻئي کي چوندا هجن
تہ هاڻ بيهو
يا هاڻ اڏامو
يا هاڻ پيار ڪريو — !
پکيئڙن جي لات
يا ٻين جيتن ۽ جانورن جا ٻول

فقط انهي محدود
مقصد ۽ مطلب لاءِ هوندا آهن
انهن جو تعداد بہ محدود هوندو آهي
جيڪي جائي جم ڪان
بنا ڪنهن پڙهڻ جي
بنا ڪنهن سکڻ جي
هو ٻوليندا آهن ـ لنوندا آهن
انهن جي لات جو
سڏ
مقصد ۽ مطلب
سدائين ساڳيو هوندو آهي ـ !

--

(۲) "پڙاڏو سو سڏ
ور وائي*
جو جي لهين
هٿا اڳهين ڳڏ
پڏن ۾ بہ ٿيا"

[ڪلماڻ]

سولن لفظن ۾

سوئي سڏ
سوئي پڙاڏو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوئي وراڪو
سوئي وائي
سيبي ئي گڏ
سيٺي هڪ
خالي ٻڏڻ ۾ جدا
الڳ ـ الڳ ـــ !

سولي سنڌي ۾

او ـ ميان
جوڪي ٻڌ م
جيڪي سڪيم
جيڪي ڏنم
اهوئي چيم
اهو ورجايم
وراءِ وراءِ چيم

وائي جي صورت ۾ ـ !!
اهو تہ
هر ڪو ميجي ٿو
تہ شاهہ

پنهنجي وقت جي
پنهنجي ماحول جي
جيڪا صورت ڏني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالت ڏني
اها پنهنجي ڪلام ۾
وڏي سچائي ۽
وڏي خوبصورتي سان
بيان ڪئي ـ نقش ڪئي
۽ وائي جي صورت ۾
وراءِ وراءِ چئي ـ !

انهي ڪري
آءٌ چوندو آهيان ته
رسالي جي
هر هڪ داستان جي
آخر ۾ پچائي تي
جيڪا وائي ڏنل آهي
اها پوري داستان جو
نچوڙ آهي ـ روح آهي
Conclusion آهي
بنيادي مقصد آهي ـ !
سو سائين ڪي چوان
لطيف جي ڪلام جي
هڪ ڪنجي
هڪ Key
اوهان وٽ اڳيئي آهي
۽ مون کولي ڏيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو ڪل ٿيون ٿي
جن جي مدد سان
شاھ جو ڪلام
شاھ جو رسالو
اوهان ڪولي سگهو ٿا
پڙهي سگهو ٿا
سمجهي سگهو ٿا
هر هڪ ڪنجي لڳائڻ سان
اوهان کي
الڳ الڳ
۽ نئين صورت نظر ايندي ـ !!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيري مريدي ۽ جهالت

او ــ ساٿي !
سنڌ جي وڏي ڪمبختي
وڏي ڪمزوري
ماسي مصيبتي
پيري مريدي ۽ جهالت
۽ افسوس سان
ارمان وچان
چوڻو ٿو پويم
ته لطيف
پنهنجي قول ۽ عمل سان
ان جي خوب پٺ پرائي ڪئي
ڀر پور مدد ڪئي ــ !
فرمايائين:

”ساري رات سبحان
جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عبداللطيف چئي
مٽيءَ لڏو مان
ڪوڙين ڪن سلام“
اچيو آڳه ان جي

[سرڀراڳ]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ عملن
شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو
مقبرو جوڙيائين ـ !
خود پاڻ
پيري مريدي جو سلسلو
جاري رکيائين
جو اڄ ڏينهن تائين
جاري آهي ـ !
۽ حد ته اها

جو
اهڙا پير فقير
جن جو ظاهري ڪردار
ظاهري عمل
خراب هو
ماڻهن کي ناپسند هو
کين هي چٽي
چُپ ڪرايائين ته:
"ظاهر ۾ زاني
فڪر منجهه فنا ٿيا
تنين کي تعليم جي
ڪڙه اندر ڪاني
حرف حقاني
دور ڪياڻون دل ۾ ـ !"
[يمن ڪلياڻ]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ وڏي ڳالهه ته
پورائي ڪري پال
۽ ڏاهپ ڪري
ڏک ڇپائون
۽ نه فقط پڙهڻ ڪري
پر لکڻ ڪري
اجايو سمجهائون ـ
فرمايائون ۔

”ڪوه ٿو ڪاڳر ڪورئين
ويٺو وڇائين مس
ڏور ٽٺائين ڏس
اکر جٺائين ڄڙيا “ !

[يمن ڪلياڻ]

۽ ڇپائون
اکر پڙهه الف جو
ورق سڀ وسار
اندر تون آجار
پنا پڙهندين ڪيترا ـــ ! !

سوچو ته سهي
عام ماڻهو جي ذهن تي
مٿين بيتن جو
ڇا اثر ٿيندو هوندو ـ !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا هن بيت جو –

”ڪوڙين ڪتابن ۾
حرف مڙوئي هيڪ
جي تو نظر نيڪ
ته بسم الله ئي بس ٿئي – “!
[يمن ڪلياڻ]

O

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حجت

او — لطيف !
توسان حجت نہ هلندي
تہ پيو ڪنهن سان هلندي
نيٺ تہ تون ئي
سنڌ جو
سڀڪجهہ آهين
سنڌو جو مرشد
سنڌڙي جو گهوٽ
پٽ جو ڌڻي
نور بخشڻ وارو
ڪلام ڏيڻ وارو
بي شڪ
وڏو فنڪار
ٻولي جو پنڊار
۽ هڪ عظيم
ڪلاسيڪل شاعر — !

پر تو وٽ
پنهنجو ڪو فلسفو ڪونهي
پنهنجو ڪو فڪر ڪونهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بس آهي نه آهي
پنهنجي دور جو
پنهنجي وقت جو
خوبصورت راڳ — !
صوفيانه فلسفه جو راڳ
Mysticism جو راڳ
دوزخ جو دونهين جو راڳ

”پنگا جنهين پينگ
صاحب تنهين سامهون“،
جو راڳ
جنهن کي سچ سمجهي
سنڌو اڃان سچ ۾ ئي
راضي آهي —— !!
باقي هڪ ڳالهه
جيڪا وراءِ وراءِ
پوري زور شور سان
سڀ کي چئي
تنهنجو اڃان تائين
ڪو اثر نه ٿيو آهي
اها ڳالهه
اهو ڪلام — اهو پيغام
آهي
Free Love جو . . .

آزاد محبت جو –
زور جي مينديءَ
نہ لڳائڻ جو
ٻار جي ڪڍ لڳڻ جو
يار سان ڀڄي وڃڻ جو
سون هزارن ۾
ڪو هڪ يا
ڪا هڪ
ايئين ڪندو آهي
يا ڪندي آهي
باقي گهڻي ڀاڱي
هر ڪو
زور جي مينديءَ لڳايو
پنهنجي قسمت کي
ويٺو روئي —— !!

○

ڊوزخ جو ڊونهون

او ـ ساٿي !

جي لطيف کي
هن ڀنڀور ۾
هن ديس ۾
دوزخ جو دونهون
نظر آيو
ڏسڻ ۾ آيو
ته مون کي وري
دوزخ جي باهه جو
وڏو مچ
نظر پيو اچي
۽ ان سان گڏ
قيامت جهڙو
حساب ڪتاب
ليکو چوکو
يعني وڏو
اقتصادي گهوٽالو
جو سڄي دنيا کي

باهه وانگر
وکوڙيندو تو وچي
جنگ جي باهه ڏانهن
ڌڪيندو تو وچي
اهڙي جنگ
جنهن ۾
آسمان مان
باهه وسندي
ڌرتي تپي
ڳاڙهي ٿي پوندي
ڏامي جهڙي
جنهن ۾ هر شئي
پگهرڻ وانگر پڄجي سڙي
خاڪ ٿي ويندي
۽ اهڙي ريت
دنيا جو – تاريخ جو
هڪ نئون دور شروع ٿيندو
هڪ نئون ورق ورندو

A New age
A New Civilization

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف جو آخري

او — سائين !

١— دعوا سان
اهو ته
ڪير نٿو چئي سگهي
ته
لطيف جو
پهريون بيت
يا آخري بيت
ڪهڙو هو — !

٢— اها ٻه اڻ ٿيڻي
جو لطيف سائين
پهريائين
ڪو هڪ سُر
مثلن ڪلياڻ
ڳاهي ڳائي
پورو ڪيو هجي
پوءِ ڪو ٻيو سُر !
ظاهر آهي
موقعي محل ۽ وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اجاڳ ڪان
ڪڏهن ڪي بيت
ڪهڙي سر مان
ته ڪهڙي سر مان
ڳاميا ۽ ڳايا ويندا ھئين
جيئن اڪثر
ڪنهن محفل ـ رهاڻ
يا ڪچهري ۾ عام طرح
ٿيندو آهي ـ !

٣ـ وري به شاباس
جرمن اسڪالر
ڊاڪٽر **ارنيسٽ ٽرمپ** کي
جنهن پهريون پهرو
شاهه جو رسالو
سُرن جي نسبت سان
ترتيب ڏيئي
ڇاپي جوڙي
سنه ١٨٦٦ عيسوي ۾
جرمني جي
ليپسيا شهر مان
ڇپائي پڌرو ڪيو ـ !

٤- افسوس اٿم
جو ڏرمپ صاحب وارو نسخو
موجود نہ آهي
نہ تہ جيڪر
آخري بيت
انهي نسخي وارو
هت ڏيان ها
ڇو تہ
١٩٢٩ع ڌاري
ٻهريون ڀيرو
اُهو ٻهريون
شاهہ جو رسالو هو
جو منهنجي هٿ لڳو
۽ مون پڙهيو -- !!

٥- ظاهر آهي
هت آخري بيت مان
منهنجي مراد
اُهو بيت آهي
جيڪو علامہ آءِ - آءِ - قاضي
جي مرتب ڪيل
نسخي ۾ آهي
جو هن ڪتاب جي لکڻ ۾
منهنجي سامهون رهيو - !

٦- ٻيٽ آهي:-
ساهڙ، سا سهڻي
سائو پڻ سونهي
آهي نجوئي، ڪجهه
ڳنجهاندر ڳالهڙي - !

○

سولن لفظن ۾

او - اديون !
سهڻي آهي ته
ساڳي - آهائي
ٻاڻ واري ساهيڙي
۽ درياهه پڻ اهوئي
سو آهي نه آهي
ڪا ميڙويڻي نچ
ڪجهي ڳالهڙي - !

○

سولي سنڌي ۾

او - سرتيون !
ڪو نه ڪو سبب

ڪا نہ ڪا ڳالھہ
ڪونہ ڪو ٻوھہ
ڪنھن ڪيو
نہ تہ
پنھنجي پياري سھڻي
ڪيئن ٻڌي ھا ـ !
چوڻ تہ
درياھہ تہ اھوئي آھي
جنھن کي سھڻي
روز پار ڪندي ھئي
پوءِ اڄ ھي ڇا ٿيو ـ !
ضرور انھي ۾
ڪا نجي ڳالھہ آھي
ڪو گھرو راز آھي
ڪو ڳجھہ آھي
ڪا لڪل ڳالھڙي آھي ـ !!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف جي آخري وائي

او - ساٿي

١- چوندو آهيان
تہ جيئن
ڪنهن جديد
ڪتاب جي
هر هڪ باب
هر هڪ داستان
جي پڄاڻي تي
آخر ۾
مختصر ٻول ۾
ٿورن لفظن ۾
ليکڪ
پوري باب
سڄي داستان
جو مطلب
جو مقصد
۽ نچوڙ
ڏيندو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيئن
لطيف سائين ۾
هر هڪ سر ۾
هر هڪ باب
هر هڪ داستان
جي پڇاڙي تي
آخر ۾
وائي ڏني آهي
جنهن ۾
پوري باب
سڄي داستان
جو مطلب
جو مقصد
۽ نچوڙ
مختصر ٻول ۾
ٿورن لفظن ۾
وراءِ – وراءِ
چيل هوندو آهي – !

٢– سو جي
لطيف جي شاعري
لطيف جي لات
۾ جو –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنيادي پيغام
بنيادي فهم
بنيادي فلسفو
ڏسڻو آهي
سمجهڻو آهي
تہ پوءِ
رسالي ۾
جي ٻہ وايون آهن
تن کي الڳ الڳ
مضمون مطابق
ترتيب ڏيڻي
خاص
انهن لفظن تي
غور ۽ فڪر ڪرڻو
جي —
قوالي جي طرح
وائي جي
هر هڪ سٽ ڪان پوءِ
وراءِ — وراءِ
ورجاءِ — ورجاءِ
ڇپيا ويندا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳاڙيا ويندا آهن
لاٽ جي طرح — !

٣— سو آءُ ٻه
رسالي جي
آخري سر
سهڻي جي
آخر وائي
ڏيئي رهيو آهيان
هڪ سند جي طرح
ته جيئن
جيڪي ڪتاب ۾
لکيو اٿم
انهي جي سمجهڻ ۾
پرکڻ ۾
سولائي ٿئي — !
هتي —
هي ٻه چئي ڇڏيان
ته
لطيف سائين
سر ڪلياڻ جي
سند ۾
بهترين وائي ۾
پنهنجي شاعري جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ
تعريف ڪري ڇڏي آهي
Define ڪري ڇڏيو آهي
پنهنجي شاعري کي
لات چيو آهي
فرماءِ ٿو :-
”لات جا لطيف جي
سڏ تنهنجو سڀ
نينهن نيڻن، گهڻ گهاوُ، وو ! “

٤- هاڻ ڏسو
پڙهو
سمجهو
۽ پرکيو
لطيف جي
رسالي جي
پيغام جي

آخري وائي

(١) ڪهڙي منجهه حساب
هئڻ منهنجو
هرت ري، لا !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سولن لفظن ۾

او ــ اديون !
کهڙي حساب ۾
جيئڻ منهنجو
سوا پنهل جي
الا ! ــ گهوڙا !!

○

سولي سنڌي ۾

او ــ اديون!

هي چا ٿيون چئو
چا لاءِ ٿيون چئو
کهڙي حساب سان ٿيون چئو ؟
تہ پنهل کان پوءِ
يار کان پوءِ
آئون زنده رهان
اجان جيئان
الا !
اها تہ ڏني وائڻي
ڏيادتي آهي
نا انصافي آهي ـــ !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) گولي !
ٻج گناهہ کان
ڪونهي سٺول ثواب
هٿڙ منهنجو هوت ري، لا !

○

سولن لفظن ۾

او – ٻنديون !

گناهہ کان ٻچو
ثواب ۾ مزو ڪونهي
يار ٻنهِل کان سواءِ
الا ! – هاءِ
منهنجو هٿڙ
منهنجو جيئڙ – !

○

سولن لفظن ۾

او – اديون !
ٻاڻ گوليون
ٻاڻ ٻانهيون
ٻنديانيون – ڦيڊيانيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڪنهن سان
ملي گناهه
اهڙي نيڪي
اهڙي ثواب ۾
ڪو مزو ڪونهي
ڪا خوشي ڪانهي
الا !
يار ڪان سواءِ
ڪهڙو جيئڻ — !

○

(٣) نڪين تفاوت ۾
نڪي منجهه رباب
هئڻ منهنجو هوت ري، لا !

○

سولن لفظن ۾

نہ خدا جي ڊپ ۾
نہ پاڪائي ۾
نہ راڳ ۾
جيئڻ منهنجو
الاڙي !

سولي سنڌي ۾

اُو — اڏيون

ڇا ٻه ڇٽو
ڪجهه ٻه ڪريو
پنهل ٻنا
يار ٻنا
منهنجو جيٺو
منهنجو هٿو
عذاب آهي
جنجال آهي
ڇو ته
جو يار جي
وصال ۾ آهي
ميل ۾ آهي
اهو نه
پاڪائي ۾ آهي
۽ نه وري
ڏي ڪنهن
راڳ رنگ ۾
عيش عشرت ۾ — !

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۶) خود ڀاڳي خوب ٿيئين
هڪ ئي لفظ جي لعاب
هڻي منهنجو هوت ربي، لا !

○

سولن لفظن ۾

پاڻ ئي سهڻو ئي پوڻ
جي وات جي ڦيڻ لڳائين
هوت پنهل ٻنا
منهنجو هڻي
اجايو !

سولي سنڌي ۾

او — اڊيون !

جا يار ٻنا جيئي
سا
پنهنجي منهن تي
وات جي ڦيڻ ملي
ڏکون هڻي
ته خوب ٿئي
ته بهتر ٿئي — !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏون ته
يار ٻنا جيئڻ تي
لعنت ٿي ڪريان ـ !

○

(٥) پليت ٿي پاڪ ٿئي
جنهنجو منجهه جناب
هٿڻ منهنجو هوت ري، لا !

سولن لفظن ۾

ناپاڪ ٿي پاڪ ٿئي
جي ناپاڪائي ڪي
لڳي وڃي
جذبي ۽ جولان سان !
هوت ٻنا
هاء !
يار ٻنا
منهنجو جيئڻ
منهنجي حياتي ـ !

سولي سنڌي ۾

او ـ اديون !
يار ٻنا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي حياتي حرام
هي جيئڻ حرام
ڇو ته
پيار جي جذبي
۾ جولان سان
يار سان لڳي
يار سان ملي
ناپاڪائي به
پاڪ ٿيو پوي

○

(٦) سو نه ڪهين شيءِ ۾
جيڪي منجهه تراب
هئڻ منهنجو هوت ري، لا !

سولن افظن ۾

اهو ڪنهن شئي ۾
نه آهي
جيڪو خاڪ ۾ – مٽيءِ ۾ آهي
هاه !
يار بنا
منهنجي حياتي – ! !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سولي سنڌي ۾

او — اديون!

جو ڪجهه
هن خاڪي جسم
مٽي جي بدن ۾ آهي
هٿن ۾ آهي
جيئڻ ۾ آ ي
حياتي ۾ آهي
اهو ٻي ڪنهن شئي ۾
برابر نه آهي
پر
يار بنا ساٿي بنا
ڪهڙي حياتي
ڪهڙو جيئڻ — !!

ٻـ ا

او — اديون !

جو هن خاڪ ۾ آهي
جو هن ڌرتي ۾ آهي
جو وطن جي مٽي ۾ آهي
سو ٻي ڪنهن شئي ۾ نه آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻر يار ٻنا
ساٿي ٻنا
آزادي ٻنا
جيئڻ جنجال آهي
حياتي عذاب آهي ـ !

○

(٧) هوءَ جي ڇڙڪن ڇڙ تي
سي ٽان سڀ حُباب
هئڻ منهنجو هوت ري، لا !

سون لفظن ۾

هوءَ جي ڇمڪن ٽا
ٻاڻي مٿان
اهي تہ سڀ
ٻلبلا آهن
ٻاڻي تي ڦوٽا آهن
هاءِ الا !
يار کان سواءِ
منهنجي حياتي ــــ !!

سولي سنڌي ۾

او ـ اڊيون !

جي ٻار ٻنا
دوست ٻنا
چمڪن پيون
سهڻيون پيون لڳن
خوش نظر پيون ڏسجن
تن جي سونهن
تن جي خوشي
اهڙي آهي
جهڙي
پاڻي جو ٻلبلو
پاڻي تي ڦوٽو
ڪنهن نه ڪم جو ؟

ٻـ ا

او ـ اديون !

عام عورت جي
عام ماڻهو جي
حياتي به
ڪا حياتي آهي ؟
جهڙي
پاڻي تي ڦوٽو
بي وجود
بي مقصد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻار ٻنا
دوست ٻنا
آزادي ٻنا
کهڙي حياتي
کهڙو جيئڻ - !

○

(٨) هاديءَ سين هن ٻار ڏي
رڙهين ساڻ رڪاب
هٿ منهنجو هوت ري، لا !

سولن لفظن ۾

مرشد گهوٽ جي
پير جو رڪاب جهلي
هن ٻار ڏي ٻئي رڙهج
الا !
منهنجو جيئڻ
منهنجي هتي هجڻ
ٻار ٻنا — ! !

سولي سنڌي ۾

او — جيءَ ٻون !

جي اوهانجو گهوٽ
گهوڙي چڙهي
تہ سندس رڪاب (پير)
جهلي
سائس گڏ پيون هلجو
ساڻ پيون وڃجو
جيسين جيئو
هن پار ٿيئو — !
چو تہ
گهوٽ بنا
يار بنا
زندگي زهر ٿيو پوي
جيئڻ سور ٿيو پوي

بـا

او - اديون !

هن پار ڏي هلجو
مرشد جي
خدمت ڪندي مرجئو
مرشد بنا
رهبر بنا
ڪهڙي حياتي
ڪهڙو جيئڻ - !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٩) چنبو وجهي چور ڪي
آءٌ چڙهه، عقاب !
هڻي منهنجو هوت ري، لا !

سوان لفظن ۾

تيز عقاب اچ
چنبن ۾ چور ڪي ڪڻ
الا !
هوت پنهل کان سواءِ
منهنجو جيئڻ – !

سولي سنڌي ۾

او – موت !
جلد اچ
دير نه ڪر
منهنجو ساهه ڪڍ
منهنجو هاڻ
هڻڻ، جيئڻ
حرام آهي
آزار آهي
سور آهي
يار بنا
دوست بنا – !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠) ديد وڇاءِ مَ دوست جو
هلي منجهہ حجاب،
هتي منهنجو هوت ري، لا !

○

سولن لفظن ۾

دوست جو ديدار
نہ وڇاءَ - نہ ڇنڊ
حجاب ۾ هلي
پڙدي ۾ رهي
الا !
هوت پنهل بنا
منهنجو جيئڻ - !

سولي سنڌي ۾

او - پيئر !
پڙدو ڇڏيو
يار ڪان
ڪهڙو پڙدو ؟
ڪهڙو حجاب ؟
ڪهڙو شرم ؟
ايئين تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يار جو ديدار
وڇاءِ وهندؤ
يار جي ڏسڻ کان
پري ٿي ويندؤ
مون کان پڇو
يار جي ديدار کان سواءِ
يار کي ڏسڻ کان سواءِ
يار کان پري
يار بنا
جيئڻ ڪيڏو نه عذاب آهي - !

○

(١١) ڪثرت آهي قرب ۾
اِ د غام ۾ اعراب
هٿڻ منهنجو هرت ري، لا!

○

سولن لفظن ۾

محبت ۾ - ميلاپ
گهٽائي آهي - برڪت آهي
ٻن آوازن - ٻن حرفن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پاڻ ۾ ملي
هڪ ٿيڻ ۾
زير زبر جو هجڻ
ڏيڻ مٿي ٿيڻ
لازمي آهي - !

سولي سنڌي ۾

او - اديون !

او - ڀينر !

قرب ۾
قرابت ۾
قريب ٿيڻ ۾
ميلاپ ۾
پيار محبت ۾
ڪثرت آهي
گهڻائي آهي
برڪت آهي
هڪ مان ٻه
ايئين ٿي
ٻن مان ٻار هن
ماڻهن جي واڌ تي
گهڻائي تي
دنيا آباد ٿي - !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن جي ميل ۾ - ميلاپ ۾
هڪ زبر ٿيندو
ٻيو زير ٿيندو
هڪ مٺي ٿيندو
ٻيو هيٺ ٿيندو
الا !

پنهل ٻنا
يار ٻنا
ميءار ٻنا
منهنجو هنجڻ
منهنجو جيئڻ
سڀ حرام - !!

○

(١٢) ڦنا وجهي ڦٽ ۾
ڪارڻ تيء ڪباب
هنڻ منهنجو هوت ري، لا !

○

سولن لفظن ۾

وات ۾ ماٺ وجهي
چپ ڪري
ڪباب تي
ڪٽسي وڃ

وڏي جي وچ
يار جي خاطر
الا !
يار ٻنا
منهنجو هڏڙ
منهنجو جيئڙو

سولي سنڌي ۾

او - اديون!

او - ڀينر !

يار جي خاطر
ماٺ ڪري
وڏي جي ٽڪجي
ڪباب ٿي
سڙي مري
ڪپي وڃجي
فنا ٿي وڃي - !
الا !
يار ٻنا
منهنجو هي وجود
منهنجي هي حياتي
ڪهڙي ڪم جي - ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٣) ڏي ٺھورا ٽن کي
جي سگھن لاءِ شراب
ھٺ منھنجو ھوت ري، لا ـ !

○

سولن لفظن ۾

ٽن کي بھشتي شراب
پاڪ پاڻي ڏي
جي شراب لاءِ سگھن
ھاءِ !
منھنجو ھٺ
منھنجو وجود
يار بنا
ميھار بنا ـــ !

سولي سنڌي ۾

او ـ اديون
او ـ ڀينر !

الله سائين ٻہ
بھشت جو شراب
پاڪ پاڻي
انھن کي ٿو ڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن کي سڪ آهي
شراب جي
سڪ کان سواءِ
پاڪ شراب
پاڪ پاڻي
ڪڏهن نه مليا ـ !
هاءِ !
منهنجي سڪ
منهنجو عشق
يار بنا
نه پاڪ شراب
نه پاڪ پاڻي
الا !
يار بنا
منهنجو وجود
منهنجي حياتي
سڀ حرام
سڀ ناپاڪ ـ !!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٤) مٺي ڪيا مرض ۾
جاوا سڀ جواب
هٿڙ منهنجو هوت ري، لا !

○

سولن لفظن ۾

مرض ۾ مٺي
مرض ۾ ماري
مرض ۾ جهلي
اجايا سڀ جواب
الا !
هوت بنا
يار بنا
هت منهنجو هٿڙ
هت منهنجو جيئڙ — !

سولي سنڌي ۾

او — اديون !

او — جيڏيون
او — پينر — !
مون مٺي
مون محبت جي ماري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مرض لا جواب
لا د و ا
سڀ دارون دوائون
جي مون ڪيا
سڀ اجايا
سڀ بيڪار
منھنجي مرض جي دوا
منھنجي مرض جي شفا
يار جي
پاڪ شراب ۾ آهي
پاڪ پاڻي ۾ آهي
الا !
يار بنا
منھنجو وجود
منھنجو هئڻ
منھنجو جيئڻ
حرام آهي
ناپاڪ آهي
اجايو آهي — !

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀل چڪ معاف!

صفحو	سٽ	ڀل چڪ	درستي
١١	٣	سوال جواب	سوال جواب لاءِ
١٦	بيت	- وانجهئا پس ڪان	وانجهئاپس وصال ڪان
٣١	بيت	آڏي عشق جي.	آڏي آڳ عشق جي.
٣٧	١	ڪاموڏو	ڪاموڏ
٤٠	١٩	باريل	ٻاريل
٤٥	٣	بون	ٻون
٥٣	١٤	ڏسن	ڏسين
٥٦	٩	ڀري اي سسئي	نينهن جي
	٧	نينهن جي	ڀر اي سسئي
١٠٥	٦	ٿا ڪن - !	ڪمزور ٿا ڪن.!
١١١	٩	شايد لطيف جي	شايد لطيف
١١١	١٣	پنهنجي زندگي سائين	پنهنجي زندگي جي
١٣٤	١	لطيف جو آخري	لطيف جو آخري بيت
١٣٥	٤	تہ ڪهڙي سرمان تہ	ڪڏهن ڪهڙي سرمان
٤٨	بيت	هڪ ڏي لفظ جي لعاب	لائين جي لُعاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادب ۽ تنقيد	ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'خليل'
لاڙ جي لغات	ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
سنڌي نثر جي تاريخ	پروفيسر منگهارام ملڪاڻي
سنڌي نثر جي تاريخ	ڊاڪٽر غلام علي 'الانا'
خواب نامو	پروفيسر غلام حسين جلباڻي
فتح اسپين	عبدالمجيد سنڌي
سُر ڏهر	عبدالقيوم 'صائب'
عبرت ڪده	ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'خليل'
ناچڻي	نجم عباسي
ايڏو سور سهي	نجم عباسي
آخري رات	ممتاز مرزا
پيار ۽ سپنا	قاضي خادم
ساٿي [شاعري]	ايم- اي عالماڻي
شاهه جو عشق [شاعري]	" " "
اڪيون ميگهه ملهار	خديجه شيخ
وڇون وسڻ آئيون [شاعري]	شيخ اياز
پڙاڏو سوئي سڏ	سراج الحق [ناول]

زيب ادبي مرڪز حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم - اي - عالماڻي جا ڪتاب

١- اوهانجو ڏار

○

٢- ڇو ۽ ڇا

○

٣- ڏيهہ ڏيناڳي

[انعام مليل]

○

٤- ساڻي

[نظم]

٥- لطيف جو سال

○

٦- لطيفي عيد مبارڪ

اوهان جي راءِ جي آجيان ڪندم

ايم - اي - عالماڻي

٩٧- اي- يونٽ، ٢- لطيف آباد حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ايم - اي - عالماڻي

ايم - اي (فلسفه)

نوٽ: پاڪستان رائٽرس طرفان، ليکڪ جي نثرائي نظم جي ڪتاب 'سچ ٻڌائي' تي ١٩٧٦ع جو ادبي انعام مليو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book